

ڏرتي
ڏين
ڏرم
ابراهيم منشي
Gul Hayat Institute

# ڏرتي ڏين ڏرم

ابراهيم منشي

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو

1991ع

ڪمپوزنگ: شاهنواز سومرو

2018

Gul Hayat Institute

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2018ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

## منسوب

پنهنجي پياري امڙ

## جنت

جن جي نالي
جنهن پنهنجي ڪُک مان
جنم ڏيئي يا رهن سالن
جي عمر ۾ والد جن جي
جدا ٿي وڃڻ ڪان پوءِ
پورهيا ڪري مون کي
پالي وڏو ڪيو.

منشي ابراهيم

Gul Hayat Institute

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڏرتي دين ڏرم“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب سنڌ جي قومپرست شاعر ابراهيم منشي جي شاعريءَ جو مجموعو آهي جنهن ۾ نظم، بيت ۽ وايون شامل آهن.

سندس موجوده زيرِ نظر ڪتاب ” ڏرتي دين ڏرم“ ۾ منشيءَ جي نئين ۽ تازه شاعري آهي. ان ۾ نظم، بيت ۽ وايون آهن. جن ۾ سڪون آهي، سُرور آهي ۽ سوز آهي. 'منشي' سچ جو شاعر آهي، جذبات ۽ احساسات ۾ حقيقتِ روح جو ترجمان آهي.
منشي هڪ فطري شاعر آهي، هن کي مصنوعي ۽ مصلحتي معيارن جي ڪا پرواھ نہ آهي. حقيقت ۽ برملا حقيقت بيان ڪندو آهي. منشي هڪ عملي ۽ حقيقت پسند مبلغ انصاف آهي. هن جو وايون ڏاڍيون مقبولِ عام آهن، جيڪي سُنيون، سُهڻيون ۽ مؤثر آهن، لفظ سادا، سهڻو انتخاب ۽ جذبات أياريندڙ هوندا اٿس.

هي ڪتاب 1981ع ۾ **روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو** پاران ڇپايو ويو. سنڌ سلامت ڪتاب گهر ست پاران ڪتاب کي ڪمپوز ڪري نئين سر آنلائين اپلوڊ ڪري رهيا آهيون. ٿورائتا آهيون سائين **شاهنواز سومري** جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

Gul Hayat Institute

# سٿاءُ

- مهاڳ      ايم - ايم- سنيو

1- نظم

2- بيت

3- وائيون

Gul Hayat Institute

# مهاڳ

مون ڪي هن دؤر جي نهايت اهم، ارڏي ۽ مُهان شاعر منشي ابراهيم جي نئين شاعري مجموعي، ”ڌرتي ڏين ڌرم“ جيڪو ڇپجي چڪو آهي لاءِ چيو ويو ته ان لاءِ مهاڳ يعني تبصرو، تعارف ۽ تاثرات لکي ڏيان. وسوسي ۾ پئجي ويس ته منشيءَ جي شاعريءَ تي تاثرات لکان! منشي هڪ حساس فطرت، انوکو، اڙانگو شاعر آهي. هن جي شاعريءَ ۾ پُر سوز زبان، ڪرب انگيز تاثرات، همت و حيات آفرين جذبات موجزن آهن. منشي وقت جي پڪار، منشي عزم ۽ همت جو نشان، محبت و ايثار جو پيڪر، ظلم ۽ ظالم لاءِ موت آهي:

”جنگ جنگ جنگ آ، منهنجي توسان جنگ آ،

پليت پير ڪر پري، هي ڌرتي منهنجو ننگ آ.“

قوم پرست شاعر ته اسان وٽ گهڻا آهن، سڄي سنڌ هيرن جي کاڻ آهي، پر منشيءَ جي ذات ۽ ذات نرالي آهي. منشيءَ جي ترنم ۾ سحرخيزي ۽ بلا جو ڪرب آهي. لفظ سادا، سهڻا ۽ چيند ڙ- لفظن جو انتخاب نهايت عمدو ۽ اعليٰ، جي ترنم سان پڙهي ته ماحول متزلزل ٿئي، مزدور، محتاج ۽ مظلوم جو حوصلو ۽ سمت هماليه کان مضبوط ۽ مٿاهون ٿيو وڃي!

”دودي ڏاهر جو اولاد، مان ئي آهيان، مان ئي آهيان.....

منهنجو عزم فولاد!“

Gul Hayat Institute

مون کي ياد آهي ته هڪ دفعي پروفيسر حيدر علي لغاريءَ جي هيرآباد واريءَ جاءِ تي پروفيسر ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي ۽ هڪ ٻن ٻين دوستن منشيءَ سان رهاڻ جو اهتمام ڪيو هو. حيدرآباد جي پر فُسُون رات، منشيءَ جو سوز و جلال آفرين آواز، انقلاب انگيز شاعري، ٽيپ ٿيندي رهي. 9 ٻجي رات جو آيل ماني، ڪنهن کي نه هوش هو، نه خواهش! صبح جو ساڍي چئين ٻجي پارو ٿي ڪري ڪاڍيسون؛ ۽ جڏهن ٽيپ ٿيل ڪيسٽ ان وقت جي ايڊيشنل سيشن جج علي حيدر شاهه ٻُڌي ته بي اختيار چئي ويٺو- "ڪٿي آهي ڪارلائل- ڪيٽس ۽ شيلي جي شاعري- اسان وٽ سنڌ ۾، سنڌي زبان ۾ اهڙا شاعر به موجود آهن! جن وٽ شعوري پختگي ۽ فڪر و فهم جي ايتري بلندي موجود آهي." منشي ظلم ۽ ظلم جو پس منظر قطعي نٿو برداشت ڪري:

"نه هونديون حويليون، نه هوندا هي ٺاٽ،
مان هوندس نه هوندس، سو پاٽا نه ڇاٽا."

منشي ابراهيم غربت جي ٻاٽ اونداهيءَ ۾ اک کولي؛ سندس حساس شاعرانه طبيعت ظلم و جبر ۽ ڏاڍ جي پيڙائن مان پلجي، رچي ريشو ٿي، عزم ۽ آزاديءَ جو مينار بڻجي ويئي، سندس محسوسات و ڪيفيات ۽ واردات قلبي هيٺين طبقي، مزدور، مظلوم ۽ مارو ماڻهن جي ڪيفيات ۽ ڪرب جو اظهار آهي.

Gul Hayat Institute

سندس موجوده زيرِ نظر ڪتاب "ڏرتي ڏين ڏرم" ۾ منشيءَ جي نئين ۽ تازه شاعري آهي. ان ۾ نظم، بيت ۽ وايون آهن. جن ۾ سڪون آهي، سُرور آهي ۽ سوز آهي. 'منشي' سچ جو شاعر آهي، جذبات ۽ احساسات ۾ حقيقتِ روح جو ترجمان آهي. سندس بيت جو انداز نه ڏسو! ڪرب تڙپ ۽ گهرو زخم! سوچ ۽ لوچ، ادائگي نه ڏسو!

”سچ نہ ڪني ڪڏ، اچا رات رھڻ ڏي،

وچوڙي جا وڏ، پنيءَ ۾ پري وٺان!“

منشي ھڪ فطري شاعر آھي، ھن کي مصنوعي ۽ مصلحتي معيارن جي ڪا پرواھ نہ آھي. حقيقت ۽ برملا حقيقت بيان ڪندو آھي-

”ٽرو ٺاھي پيا ريو، ڪولھڻ ٿي ڪلال،

جاڳي پيو جيءَ ۾، جيئرو جد جلال،

حرام ۽ حلال- بئي بڌي ويا بوڏ ۾.

منشي ھڪ عملي ۽ حقيقت پسند مبلغ انصاف آھي. ھن جو وايون ڏاڍيون مقبولِ عام آھن، جيڪي سُنيون، سُهٽيون ۽ مؤثر آھن، لفظ سادا، سهڻو انتخاب ۽ جذبات اُڀاريندڙ هوندا اٿس. سندس وائيءَ جو انداز ڏسو:

”راتا ڏيئي رَتُ- ٿورو لاھيو ٿَجُ جو“

منشيءَ جي شعر ۾ عزم، حوصلو، بلندي ۽ قربانيءَ جو بي پناھ جذبو مؤجزن آھي-

”ڪبا ڪارا نہ ڪوٽن ۾، پنوھارن جا اچا پَٽڪا،

ڦوھارا ڏي يا ڏي ڦاسي، ڦٽن تي ھڻ ڦري ڦٽڪا.“

قربانيءَ جو جذبو ملاحظہ فرمايو!

پوندي اتي پڙ ۾ پرک- سُوريون جتي سينگا ربيون!

پيا لٽڪندا ڪئين لاش لک- سُوريون جتي سينگا ربيون!

Gul Hayat Institute

بهرڪيف منشي هڪ جامع الصفات شاعر آهي. سندس زبان، سندس سوز ۽ آلاپ، سندس فڪر ۽ فهم، سندس پيغام، همت، جرئت ۽ قرباني آهي. سندس هي نئون ڪتاب سنڌي زبان ۽ نظرياتي توڙي طبقاتي ادب ۾ تاريخ جو هڪ سونهري باب آهي، سنڌي نوجوان نسل لاءِ هڪ ضابطہ حيات آهي.

منشيءَ جي شاعريءَ ۾ سونهن، سُرت، ساجاهہ، پيڙا، پڪار، عزم، حوصلو، جدوجهد، جرئت ۽ همت، جانبازي توڙي جان نثاري ۽ ڌرتيءَ سان بي انداز محبت موجزن آهي. وقت جي ضرورت آهي تہ هن کي پڙهجي، پروڙجي ۽ راهِ عمل ۾ رهنمائي حاصل ڪجي-

**ايم ايم ستيو**

ٽنڊو محمّد خان

Gul Hayat Institute

# نظم

Gul Hayat Institute

دين ڌرم سڀ ڌرتي جايا، ڌرتي آهي اُتم،
انسان جي آجائيءَ جو، آهي پونءُ پرم.

Gul Hayat Institute

*

## اسان انقلابي اسان انقلابي،

ٿي مجبور حملا ڪنداسون جوابي.

سَتاسون سوين سر تي قانون ڪارا،
اچي تنگ، ڪرڻ جنگ، سڪي ويا هي سارا،
ٿيا جڏهن ظالم جا مظلوم مارا،
رهي ڪٿ نہ سگھيا پوءِ رهزن ربابي.

ٻڌي چڙ ڪروڙن ٻاٻاڻن جي ٻولي،
ٻلي چاڙھ سوري ٻلي مار گولي،
نہ رهندي هتي سامراجين جي ٽولي،
آهي ختم ڪرڻي هي ساري خرابي.

نہ سهندا هي سانگي ستم سامراجي،
پراڻا فريب ۽ هي رسمون رواجي،

Gul Hayat Institute

گهرون ٿا گهرون ٿا صحيح حق سماجي،
نه گهرجن مهاجر- پٺاڻ ۽ پنجابي.

وڏيرو هي ظالم وڏيرو نه گهرجي،
ڪامورو هي ظالم ڪامورو نه گهرجي،
غلط انتظام هي سمورو نه گهرجي،
نه هلندي ڪنهن زردار جي هِت نوابي.

ڪنداسون نه برداشت بد انتظامي،
اُٿي آگ پڙڪي آ آج انتقامي،
حڪومت ڪبي هت حقيقي عوامي،
ڇڏينداسون تُوڙي غلط حد حسابي.

سڄو ملڪ پاپين ڪنا پاڪ ٿيندو،
نه مومل جي طلسم وارو ڪاڪ رهندو،
هتي هر بشر هاڻ بي باڪ هوندو،

Gul Hayat Institute

آهي ڪرڻي ظلمت منجهان ماهتابي.
سياهي جي راتين جو چيري نه سينو،
ٻارڻي لاٽ آهي ڏيئي رت پسينو،
آهي تار مان تارڻو هي سفينو،
نه ڪر فڪر ”منشي“ ٿيندي فتحيابي.

Gul Hayat Institute

*

ڪيسين سهندين سور، ڪيسين سهندين سور،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ گهاءُ نئون ۽ وِڪ وِڪ تي وهلور.

ڏيهه سڄي ۾ چيڙيل ڏينهو، ڏيهه ڌڻين کي ڏنگ هڻن،
وک وک تي سي ويڙهيچن کي، واريو ڦيرو ونگ وجهن،
سورن ماريل سانگيئڙن جا، چوڏس ٻڌ پيا چنگ چرن،
پنهنجي گهر ۾ مرضن ماريل، ماروئڙا مجبور او ساٿي!!!!

خون اسان جو پيئندي پيئندي، پاپين ڪيڙا پيٽ وڌا،
ٻڙڪائي ويا ظالم ڪيئي، مظلومن جا ماس هڏا،
زر زمين جا مالڪ بڻجي، ويٺا ٿا هي عيش اڏا،
مُهرَ زبان تي ماروئڙن جي، ناهي ڪچڙ دستور او ساٿي!!!!

هتي هلن پيا ڪئين هزارين، ون يونٽ جا واپاري،

Gul Hayat Institute

آڄ وٺي اسلام سندي، غدار ڪندا هي غداري،
وري ڪندا نيلام نئون، هي پيسي جا هن پوڄاري،
متان ڙڱي وانگي وڃين نه وڪجي، دوکي کان رهه دور او ساٿي!!!

جاڳي پيا پٽ جيجل جا اڄ، جاڳي پيا جانباز ڪئين،
پر مارن جا پير نه کپندا، شاهي ويا شهباز ڪئين،
سوريءَ کي سي سيج ٿا سمجهن، اڄن ڪريو نت ناز ڪئين،
ڪهڙا چا ڙهي چا ڙهيندين تون، ملڪ سڄو منصور او ساٿي!!!

اڄو ته "منشي" متفق ٿي اڄ، ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريون ڙڄي،
ظلم سندا زنجير هش سان، پاڻ ئي پنهنجي ٻاريون ڙڄي،
سر رکي ساندڻ مٿي ءِ، مستقبل ته سنواريون ڙڄي،
وقت اسان کي ساٿ ڏنو آ، منزل ناهي دور او ساٿي!!!

Gul Hayat Institute

*

متفق ٿي مسڪين اچو اچ، ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريون ڙي،
ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريون ڙي، ۽ وير پراڻا واريون ڙي.

وک وک تي جن ڪيا وڏيرن، ويڙهيچن سان واويلا،
شام تائين ڪوڏار هڻي، تہ بہ سير اٽي لئہ سوَ ٿيلا،
ڪئين ڪُتا تن بکيا ڏکيا ۽ انگ اگهاڙا البيلا،
اهڙا موذي ملڪ سڄي مان، چونڊي چونڊي ماريون ڙي!

قاتل قوم فرنگ جو چمچو، جاچ اهو جاگير ڏٺي،
مير هجي يا پير هجي، يا خانبهادر هجي ڪٺي،
پڇا ڪري ڏس پيڙهيا تن کان، ڪٿان تو هيءَ جاگير جٽي،
پورهين جي پگهر منجهان ٿو، ننگيون نچائي ناريون ڙي!

مزدور جي ماسَ منجهان ٿو، مالڪ مِل ڏس موج ڪري،

Gul Hayat Institute

وال ڪروڙين روز ٻڻائي، پوءِ بہ تنهن کي سور سري،
سردي گرمي گوڏ گنجيءَ ۾، بنا ڪفن مزدور مري،
مرون ۽ ماريون ماروئڙن تان، ظلم ستم هي ٿاريون ڙي!

زرداران جا ظلم هئي جي، ڪاهڻ ۾ ويهي ڪولي ڪو،
اٿي لٿي ۽ ادا اجهي لئہ، ٻڙڪ هئي جي بولي ڪو،
پنهنجي هٿ سان پنهنجي ڳچيءَ لئہ، سُوري جڻ ٿو ڳولي سو،
سانگيئڙن لئہ ستم هزارين، ڪهڙا ساري ساريون ڙي!

خون ڪرائي وڏو وڏيرو، سيٺ چوڌري رئيس هئي،
جهوپن وارن جهانگيئڙن لئہ، پاپي پوءِ پوليس هئي،
ڪنگالن لئہ ڪيس هئي، ۽ پورهيتن سان پيس هئي،
چور چُٽا چالان چڪا، ۽ ڳگدامن تي گاريون ڙي!

Gul Hayat Institute

ويل هزارين وانگيئڙن تي، اڳي وڏيرو ڪري هزار،
مسڪينن جي ماس مٿان بيا، ڌارين بولي وارا ڌار،

”همين ملي هي زمين نڪل جا، تيرا نهين ڪچ اڌر وقار،“
ڪيئن ڪريون ڪاڏي وڃون، ۽ ڪهڙي در پڪاريون ڙي!

انڌير نگريءَ ادا ڙي هن ۾، ماءُ نہ سهڻي ڌيءُ ڄٽي،
ظالم ڏس زردار وڏيري، ڪي جي ڪنهن پي وقت وٽي،
زوريءَ سان ٿو ظالم تنهن کي، ڪوهہ مٿان ڏس ڪٺي ڪٺي،
اهڙا ڳولي ڳولي ماريون، سيني کي ڪجھ ٺاريون ڙي!

ساحل ڪان هي دور جي ٻيڙيون، لهواريون ڪي اوپاريون،
سڙهہ سنواري تن جا ساٿي، ماڳ پڄايون موچاريون،
پهچو تن کي پري نہ ڇڏيو، ناڪئا ڏيئي ناتاريون،
اڇو تہ ”منشي“ گڏجي تن کي، طوفانن مان تاريون ڙي!

Gul Hayat Institute

*

تنهنجو مرؤ پٽين پيا ماس، توکي ڪيئن اچي جڳ راس،
ڌوڙ وجهي پئي ڌرتي توتي، ڪِلي پيو آڪاس.

سَهي سيارا، پٽن تي پارا، توجي واريا پاڙيءَ وارا،
ڪيٽ ڪرا سپ ٻنيون پارا، سوئر ڪائي ويا سُتي توسارا،
اجان جئين پيو جڳ ۾ پيارا، تنهنجو باغ ٿيو ٻنواس.

لوڏ لڳايون ٻڌي مها ڙيون، اڇو ته گڏجي پير اُها ڙيون،
ڪتا ٻچيون ڪن تا ڙو به تا ڙيون، ڪٽي ڪاهي پئو ڏڦا ڪها ڙيون،
وانگين جون جن پيليون وا ڙيون، سي ڪريون ٻها ري ناس.

Gul Hayat Institute

اجان نه ٿورا آهن انوري، ٻلر ٻيها ٽا چرن ٿا چوري،
اهي به ان تي ڪل ڪندا کهري، پوءِ نه چرندا توکان زوري،
ڳالهه اها ڪا ناهي ٿوري، ڪيڊ رهزن اهي راڪاس.

ٻَڌي پنجوڙون پئون سپ پهري، ڪٽي هش ۾ پالا زهري،

اڏيون اڏن تي ڪوڙڪيون ڦهري، شام صبح تن تڙيون پپهري،

جهلي ٻيهون لنگهه ٻري ۽ بحري، ”منشي“ عام ۽ خاص.

Gul Hayat Institute

*

اٿ دلبر مسافر دير نہ ڪر، سڌ سُوريءَ جو سينگار وري،
سڌ سوريءَ جو سينگار وري، توکي آهي پڪا ريو دار وري.

لڳي چانپ اُتر توکي سيءَ ستي، هتي ڏينهن تپي تنهنجو ماس پچي،
توکي جڳ اُهو ڪيئن راس اچي، اُتي پارڻ نئون ڪو پار وري.

ظلمات جي رات هي ناهي وڏي، اچ ڪنڊ ڪپائڻ لاءِ ڪُڏي،
هو ڪات اڳيان- هوءَ آهي اَڏي؛ هتي آهي ڪسڻ جي ڪار وري.

هتي خون هزارين خان ڪئين، جانباز اچيو ڏين جان ڪئين،
ويا مرد پراڻي ماڻُ ڪئين، تون بہ پنهنجو وارو وار وري.

چڙي بلبل گل جا افسانا ، ڪڙ ڪات ڪھاڙا نيشانا ،
پوءِ پڇتائيندين پروانا ، جي شمع ٿي ويئي گُل يار وري.

Gul Hayat Institute

چڏ ”منشي“ غفلت ننڊ گهڻي، اُٿ تيغ تِکي تلوار کڻي،
وڙهه ويرين سان تون هوڪا هڻي، ۽ ڏونگر ڏاڍ جا ڏار وري.

Gul Hayat Institute

*

وڪڙ ۾ ونگ وانگين تي، وڏيرن جا وزيرن جا،
هزارين ظلم هِت آهن، ڪي ميرن جا ڪي پيرن جا.

نئون نِت روز هِت نعرو، نئين نِت روز غداري،
نئون دولاب نئون دوکو، نئين نِت مڪر مڪاري،
فريبي چال نِت نئين ۾، ابوجهن ساڻ عياري،
صبح ۾ شام سانگين تي، ستم سرمائيدارن جا.....!!

چڙهي هن ملڪ جون ويون، وري واڳن جي ور واڳون،
ملي هن قوم کي هڪ ڪوڙ جو لقمون جڏهن جاڳون،
وري ساڳيا پراڻا سي، ٻڌي پاپي ويهن پاڳون،
رچن ٿا سانگ نِت هت ڏس، غريبن تي غدارن جا.....!!

جي پنهنجي ٻولي هت ٻوليون، لڳن ٿا گُرز ۾ گوليون،

Gul Hayat Institute

ڪريون جي ڳالهه حَق جي هِت، پريون جيلن سنديون ڪوليون،
اُٿو اي سنڌ جا سانگي، ٿاهي ٿاڌن جهڙيون ٽوليون،
ڪريون قُوت سان پنهنجي، مُنهن ڪارا هِت مڪارن جا!

نہ مٽ دنيا ۾ تنهن ثاني، ڏني جنهن قوم قرباني،
گهري ٿي گهوٽ آزادي، مئُن جي يار مهماني،
ڪفن سر سان ٻڌي لاهيو، جڪڙ جيجل مٿان جاني،
گذارين ٻارَ ڪيئن ڪڏهين، غلاميءَ ۾ غيورن جا.....!!

وري اڄ قوم کي نئين جنگ، لئہ جاڳوءِ جاڳايو،
اٿل رکُ عزم اندر ۾، پتنگ ٿي پير پڙ پايو،
جيئون آزاد ٿي جڳ ۾، يا 'منشي' موت سرمايو،
لڙي سپ لوڪ تان لاهيون، هيڏا هاچان هچارن جا.....!!

Gul Hayat Institute

# انقلاب

## اي ها ريوايي ساٿيو اي سنڌ واسيو،
## اُتو ڪو خوني انقلاب، انقلاب آڻيو.

نہ هاڻي ڌاريو دل نرم، نہ ڪريو ڪنهن مٿي ڪرم،
نہ جن جو دين ڪو ڌرم، وڏا وڏا سي بي شرم،
نيون تنين جون سازشون، مِٽيءَ ۾ ملائيو!!

هي حامي اصلئون هند جا، نہ ٿي سگهيا سي سنڌ جا،
هي لکنويءَ دهلوي، سگهن سڌائي نا سنڌي،
ڪڏهو انهن کي ڪڙم مان، ڌڪا ڏيو ڌڪاريو!!

Gul Hayat Institute

نہ آس مير پير ۾، نہ ڪنهن وڏيري وير ۾،
نہ چوڌري نواب ڪنهن، نہ آندو انقلاب ڪنهن،
اُتو اڳهاڙي پير سان، مروءَ حق لئہ ماريو!!

هنن اڇي زبان ڪٿي، چون پيا ڪا ٻي چٽي،
ٻها رين جي پٺي اچي، نٿين ڪا ڳهل سنڌ تي،
ڪٿو ڪها ڙا ڪات سپ، اي سنڌ جا ته سانگيو!!

جا وَل ٻنا آ پا ڙ جي، سا سرجندي ئي سا ڙجي،
جو وڻ وڪوڙجي ويو، سُڪي سو پينگ پانگ ٿيو،
ڪها ڙين سان ٿي ڪني، زمين ڪي ريج رت ڏيو!!

جو تو ڏنو سو ڪوڙ هو، فريب دوکو ڌوڙ هو،
رڳو هنيا ٿي تن رمل، نه هوانهيءَ ۾ ڪو عمل،
چڏي پرايو آسرو، ڪا پنهنجي ڦوڪي ٻا ريو!!

ڏسو هي "منشي" اوپرا، لڏيو اسان کي چون پيا،
نباهه ڪهڙو نانگ سان، هي نانگ مرندا ڏانگ سان،
انهن سنڌي ادي ٻنا، گهڙي نه هڪڙي گها ريو!!

Gul Hayat Institute

اسان نينهن لائي نڀائي سگهون ٿا،
سوين سنڌ لئہ سِر ڪَٽائي سگهون ٿا.

تون ڇا پر هزارين ويا هار ڪائي،
ٿيا عرب ارغون ترخان توائي،
مغل ۽ فرنگي ڪياسون تباهي،
انهيءَ ريت توکي مِٽائي سگهون ٿا!!

جڏهن مرد مانجهي، مها ڙيون ڪڻن ٿا،
ڪَهوءَ جي ڳڻن سان، ڪها ڙيون ڪڻن ٿا،
تڏهن رت ريلا ٿيي، واهڙ وهن ٿا،
مڪارن کي ماري مچائي سگهون ٿا!!

سوين توکان سورهہ سياڻا هليا ويا،

Gul Hayat Institute

طرف ڪهڙي ڪهڙي، نہ جاڻا هليا ويا،
ڪيدائي ڪيئن ڏگ، ڏاڍا هليا ويا،
نہ توکي بہ هڪ ڏينهن پڄائي سگهون ٿا!!

گهڻا ڏينهن چورن، هتي ڇاڳ ڪيا ٿي،
سوين اڄ سنڌي پاڳيا جاڳيا سي،
'دريا خان' 'هوشو' 'هيمون' ساڳيا سي،
زندھ لاش تنهنجا جلائي سگهون ٿا!!

اسان چنگ بيجل ٿي، چوري سگهون ٿا،
نہ ٿي ڏياچ پي، ڪنڌ ڪوري سگهون ٿا،
غلاميءَ جا زنجير، ٽوڙي سگهون ٿا،
ويل پاڳ پنهنجو، ورائي سگهون ٿا!!

اڏيل ڪاڪ تنهنجا، اهي طلسما تي.
جنهن جي راھ سوڍن صحيح آ سجاتي،

هتي زهر تنهنجي، ڪنداسون حياتي،
تنهنجي ڪاڪ ڪوڙي، اُڏائي سگهون ٿا!!

ڏاها ڏيهه سڄو ملڪ منصور آهي،
اڃي تنگ ڪرڻ جنگ دستور آهي،
نہ ”منشي“ ڪا منزل تڏهن دور آهي،
جڏهن سر سوريءَ تي چڙهائي سگهون ٿا!!

Gul Hayat Institute

# درياءَ جو سوال

درد وندا هي دانهون توتي، ڏيندا درياءَ شاهه دلير،
ورهن جا اڄ وانگيئڙن کان، وساهه ڏيئي تو ورتا وير.

سارا سورهن سال سُڪي تو، پيٽ ۾ پاليا پرت پنوهار،
ريلن ۾ تو رائو ڏيئي، جايا لاٽا لوٽ ليار،
پاسا تو نه پسائڻ چڙهيا، پيريءَ وارا تنهنجا پار،
ملاح پَٽي ويا مڏيون توتان، ٻيڙيون ٻاري ٿيا ٻڪرار،
پرم ڏيئي پاڳين کي پوءِ، پيٽ ٻنجي پريئه پير.....!!

گهيرا ڏيئي تو گهارا پائي، راڄ روئا ريا راتو رات،
سانگيئڙن جي ساهه ۾ سونڪو، سيڪنهن سِر تي ٿي سڪرات،
ڪاري رات ۾ ڪلهن ڪلها، ووءِ ووءِ واتو وات،
هيٺان پاڻي پالوٽيون ۾، اُپ مان پئي ٿي برسات،
ڪلهن ڪيهون راڻ ريهون، ڪونه رهيو اُتِ ڪنهنجو ڪير.....!!

Gul Hayat Institute

پڄرا ٽوڙي پر پکيڙي، ڀرين پرڻ پنهنجو پيٽ،
چوڌاري تو چٽ ڪيا پوءِ، چڱڙا چاندي ھاٿا چيٽ،
ساڃن ٻنين سيرون ڏيئي، مارو ڪيا تو مليا ميٽ،
لکين لڙهائي لھوارا تو، لڙنيا رن کي ڪيئڙو ليٽ،
ڏار ڏنگر جي ڏول رهيا ٿي، تن جو ڪيو تو ڏينگو ڏير....!!

موج ڪري مهراڻ ميان تو، ماري مارن مال چڙيا،
اٿا لٿا ۾ اجها ٻه پنهنجا، اڄ چڙيا، ڪِن ڪالھ چڙيا،
گوتا کيندي گُگن جيئن ڪن، لڇندي پنهنجا لال چڙيا،
جوءِ سڄيءَ ۾ جھانگين لئه تو، جاڳائي جنجال چڙيا،
ٽنگ پڇي نه ٻه ڪين رهي ٿي، هي ٻه هراڙي واري هير....!

پاڳين پُنگا پينگ ڪيئي پر، وڏءِ ماڙين ۾ ماتام،
دهشت دڙڪا جهولن جهڙڪا، ڪُنن ڪڙڪا ڪاري قيام،
ٻندون ٽوڙي چڙيئه ٻوڙي، ساڻپيئڙا جي تنهنجي سام،

شهرن ٻجرن شيل ڪيا تو، ڳاهي چڙهين ڳوٺ ۽ ڳام،
سوشلزم تي ٺهندي آيو، پاتا جت تو پنهنجا پير.....!!

اُپ مان پاٽي ڌرتي پاٽي، پاٽي پاٽي پورو پٽ،
ڪٺڪا ٽُڪري تنهن تان ڇڪري، نانگن جهڙيون ۽ ٻيا جهٽ،
ڪاهڙ وارن ڪيرن ڪائي ڪيا، ڇُرڻ چلڻ ڪنا چٽ،
تنهنجا پڻ هي حاڪم وارا، ساڳيا نخرا ناز ۽ نٽ،
جوڙڻ ۽ جن جُڳَ لڳا تن، ٻوڙڻ ۾ تو دم جي دير.....!!

ڪن جا پڌرا پورا ڏينهن ۽، ڪن کي سانپاهي جا سور،
ڪالهه جٽيا ڪن اڄ جٽيا سي، ما روئڙيون ٿيون مجبور،
جيئڻ جهنم، مرڻ مُصيبت، 'منشي' ڪيڏا ڪيئي ڪلور،
پاءُ رهيو نه پاءُ سان پيڙو، ڏيءُ ڪٿي، ڪٿ ماءُ مجبور،
ڦوڪ ڏيئي تو ڦوڪي ڇڏيا، ڦيري ڦوڙائي جا ڦير.....!!

Gul Hayat Institute

# درياءَ جو جواب

آزاديءَ جو مان متوالو، مون سان رکيئون من ۾ مير،
مرڪز ٽوڙي موٽي آيس، سنڌ مٿان هو ڪرڙو سير.

ٻُڏڙي شاعر ڳالهه ٻئي جي، ڏنئي ڏمر جي ڏاڍا ڏوهه،
سارا سورهن سال سڪائي، ٻوهين مون سان ڪيڙو ٻوهه،
زنجيرن ۾ زوري جڪڙي، لڳ لڳ منهنجي لاٿئون لوهه،
چڙيون هٺندي نيٺ ڇنائي، ڦهرين تن تي چنڊيم چوهه،
سالن ڪان سِڪ سنڌ گهمڻ جي، پوءِ تيڏانهن پاتم پير.....!!

پر ڇڏي ويا پاڳيا منهنجي، ٻَنگا جن جا ٿيا پڙ پانگ،
پنهور پليجا سهتا سوڍا، ڳاڙهيون ڳون ۽ چريا چانگ،
ڪٽڪٽ ڪن جت ڪامون تي، ڪامورين اُت ڪارا نانگ،
سرليون هڪڙيون چالن چڙيون، هونگر هون هون چڙيل چانگ،
ڇٽي ڇماٽي چانگ ڇنل ڪا، ڇُوٽ پريان ڇمڪائي ڇير.....!!

Gul Hayat Institute

منهنجي حد جي هارين جا هٿ، هئي هئي ٿي ويا هيٺا حال،
ريلن رائو اَڪ ڦلها ريا، سال سُڪي ٿي ويئڙا سال،
ارهي انري ڪيا اڀالا، اهڪا تن جا آل عيال،
چيٽ ڪتيون سپ چٽ ويا ٿي، پونءِ سڄي تي پيو پونچال،
ڌار ڪيو هو ڌارين مون کي، وانگيئڙن سان جن جو وير.....!!

چور اسي ۾ چالون ٺاهي، بندون ڏئي ڪيائون بند،
پنجا اسي ۾ پاڻين منهنجا، روڪي چڏيا سڀئي رند،
تربيلا ۽ منگلا ٺاهي، صاف سڪائي ڇڏيئون سنڌ،
پاڻُ سڏائي پينگ پيا ڪن، هائو ٻنجي سي هر هنڌ،
چٽا پٽا ۽ ڌاريا پڌرا، ساڳيا سسئي وارا ڏير....!

هاڃان هونءَ ته هزارين آهن، هيڏا سارا هاڃان هيل،
اسان ڦڙيءَ لئه ڦٿڪون ويٺا، پاڻ پيئن پيا ريل ۽ چيل،
ڪُچون پچون اسلام کي خطرو، جاءِ اسان لئه آهي جيل،

ڪيستائين رت هي روئندا، ڏٺَ ڏٺي هي ڪيسين ڏيل،
قربانيءَ ري ڪير نہ ڪنهن کي، ڏيندو آهي ٻنڙي ٻير.....!!

گهوڙا هيڏي گهٽ ۾ ٻوسٽ، ٻنين وڻين ٻول ٻُرن،
سو ڪهڙي ۾ ساهہ منجهي پيو، سا ري ڌرتي سَپ سَرن،
پيئڻ ٻلائون پهري پيپون، پنوهر ڪهڙي پا ر پُرن،
”منشي“ ما رن وات ۾ ٻچڙا، ڪهڙي در تان داڻُ گهرن،
چونڊيل گڏجي چرچا ڪن پيا، اسيمبليءَ ۾ آهي انڌير.....!!

Gul Hayat Institute

❋

هاڃان هونءَ ته هزارين آهن، هيڏو سارو هاڃون هيل،
پاڻي بند پنوهارن جو ٿيو، هي يزيد امام جو کيل.

درد وندن جون دانهون توتي، ديس منهنجي جا درياءَ شاهه،
ڪهڙي روڪ آ روڪيو توکي، پنوهر پياسا ٿي ويا پاهه،
صدين کان تو سيرون ڏنيون، واهيا وانگين واهڙ واهه،
منهنجي ڌرتي ڌيهه سڄي جو، سنڌو تون ئي ساهه پساهه،
تنهنجي سوڪ آ سنڌ سڄي تي، جهڙي تاتارين جي ڪاهه.
ماندي ڪنهن تو مُندَ وڌا، يا پاڻ ڪٽين وئين چت تان چاهه،
اسان ڦڙي لئه ڦٿڪون وينا، تنهنجي ڊولڻ هيڏي ڍيل!

سهتا سوڊا درس چڙهي ويا، پنوهر پليجا تنهنجو پيٽ،
ور ور ڏيو پٽي واري اڏامي، جت هئا چاندي هاٺا چيٽ،
آبادي اُس کٽي ويئي، جهوريو جهولن جي ته جهپيٽ،

ملڪ مٿان جڻ موت ڦري ويو، مارو ٿي ويا مليا ميٽ،
تو نہ جڳاءِ جڳ جا جاني، هيڏي ساري لالڻ ليٽ،
ڳنڳن ٻوڙن ڳڳدامن جا، پاٽيءَ ري ٿيا پلا پيٽ،
رت روئا ري راج چڏيا تو، هاٽي اچي ڪر ريل ۾ چيل!

ٻيجا ٻار ٻنيون ونيون، ٻار ٻُڏا سپ جُواڻ جماڻ،
تاڙي واري تانگھ تنين کي، تن ۾ تو لئہ تاڙو تاڻ،
توکي پرتل آهي پُرين ڪان، لاڙيچن جي هي لالاڻ،
سوين هزارين سھٽيون ٻوڙيون، موجون ماري تو مهراڻ،
چا اڄ ڪان تو چيھ ڪيو يا، ڏاڍن جا ڪي پيئڙا ڏاڻ،
خشڪي ڪان هت خالي ٿي ويا، پريل تريل پاڳين پاڻ،
جيئڻ جهنم جهانگيئڙن جو، جڳ ٿيو جت ڪٺ جهڙو جيل!

Gul Hayat Institute

❁

## سنڌ نہ سهندي سُور او ساٿي، سنڌ نہ سهندي سُور،
## جيجل جا پُٽ جاڳي پيا اڄ، مانجهي ڪئين منصور، او ساٿي.

راوت رت رتا هي راول، ٻختاور ۽ ٻاڳهين چاول،
سُورين سنرا سانول سانول، ڪهڙا ڪهڙا ڪُهندين قاتل،
هر ڪنهن هٿ هٿ مشعل مشعل، هر ڪنهن تَن تنورُ او ساٿي!

ڪيسين رهندا ڪوٽ قهر جا، ڪيسين رهندا ظلم زنجير،
قيد ڪري تون ڪونہ ڪو سگهندين، ڪنهن جو ذهن ۽ ضمير،
تنهنجو داءُ درياءَ جي ڇولي، پٽڻ وارو پور او ساٿي!

Gul Hayat Institute

ڪُوپا ڪنڌ ڪپائڻ ڪارڻ، ڪوڏئون ڪاهي آيا هي،
اٽل عزم سان آزادي لئہ، سينا ساهي آيا هي،
ناس ڪري ظلمات هي ويندا، نئون نڪيري نُور، او ساٿي!

آزادي جي سين پڌي مون، وستي وستي وستيءَ ۾،
بستي بستي سنڌ ڌرتي ۾، هر ماڻهو مستي ۾،
پنهنجي حق وٺڻ جي خاطر، هر هڪ اک انبور، او ساٿي!

ووڙي واٽ ونڊر جي، ٻاٽ منجهان اڄ لاٽ ڪٽي،
”منشي“ ڪئين مهميرا ٿي پيا، ڌرتيءَ جا هي ڌِڱ ڌٽي،
ظالم ڪنهن زوراور اڳيان، مُور نه سي مجبور، او ساٿي!

Gul Hayat Institute

نوان مقتل نيون سُوريون، نوان منصور ميدان ۾،
ڳنبن پيا ڪوٽ ڪانئر جا، ڏِسي ڪي مرد زندان ۾.

مَڻن جا ڪول مُنهن موکي، متارا موج ۾ آهن،
اڏيءَ تي سِر رکي آيا، مڙئي ميخوار ميدا ميخان ۾.

قبولي ڪنڌ جي آيا، ڪندو ڇا تن ڪڙو قاتل،
ڏيڇا رين موتَ جنهن کان سوءِ اسان جو ناهہ امڪان ۾.

هنن جي هاڪ هر هنڌ آ، اُهي سرواڻ سنڌوءَ جا،
هنن رُخ موڙيا ڪيئي، تہ تقديرن جا طوفان ۾.

تنهنجا زنجير اي ظالم، پڇي سڀ پور ٿي ويندا،

Gul Hayat Institute

نہ “منشي” رات هي رهندي، ٿا ڏسجن گهوٽ گهمسان ۾.

❁

## ڪِن رولن سمجهي راند هتي آ، ٻارڻ ٻاريو ٻوليءَ سان،
## هي ٻولي ڪنهن جي گولي ناهي، گولي گڏبي گوليءَ سان.

اها تيري ميري تو وٽ رک، هت ٻڌن ٻري ويهي ڳالهاءِ،
نہ تہ نڪري وڃ هن نگريءَ مان، هت پير پليت نہ تون ڪو پاءِ،
هي سنڌ آ انهن سنڌين جي، جو سنڌي پاڻ کي صاف سڏاءِ،
نہ تہ گهر بہ ويندءِ سِر بہ ويندءِ، سنڌ مٽيءَ جو مونکي سُنهن،
ڪَر ڪٽي اچ ڪُونڌر اُٿيا، ڪندا تنهنجو ڪارو مُنهن،
ٽنگيل هوندين ٽياسَن ۾، هت ٽولي ٽولي ٽوليءَ سان!

مُنڊا ڪائي مورين جا هتي، متو آهين مانگر مڇ،
ٿورا ڏينهن اهي ٿُونا تنهنجا، راڻن ڦيريا توتي رَڇ،
ڪُنڌيون تنهنجي ڪلين ۾ تون، ڪيڏا ڀڄندين ڀُڄ ۽ ڪڇ،
تو لوسي آللڪا ريو اچ، غيورن جي غيرت ڪي،

Gul Hayat Institute

هن دودن ديس دليرن ۽، جرنيلن جي جُرئت کي،
هي لٽين جون تان لوليون توکي، لوليون ڏيندا لوليءَ سان!

هي دودي دريا خان دلاور، ڏُوپا رن جو ديس اٿئي،
هي مانجهين مردن ٻاگهين ٻا رن، جُهونجها رن جو ديس اٿئي،
هي سچن سانگين سرواڻن، ۽ سنگها رن جو ديس اٿئي،
شينهن سُتل تو جاڳايا هي، منڻ مِ تو مات ڪندا،
تو رت تپايو راڻن جو هي، هڏ ٻہ تو هضمات ڪندا،
هي سنڌوءَ جا سرواڻ اٿئي جي، چيڙيا آهن تو چوليءَ سان!

هي ٻولي سچل سامي سانوڻ، شاهه ڀٽائي گهوٽن جي،
هي ٻولي ڪُل ڪان آهه قديمي، ارڏن ۽ اٺوتن جي،
هي ٻولي ڏاڏي ناني جي ۽، ماسا تن جي سوٽن جي،
آگر هن ڏانهن جيڪو اٿاري، تنهن جو ڌَڙ سِر ڌار ڪندا،
هي "منشي" سڀ مهمير اٿئي، تو چيري ٽُڪرا چار ڪندا،
هي هولي ڪيڏي جاڙي هر هڪ، هولي ڏسندين هوليءَ سان!

Gul Hayat Institute

❁

## سنڌ سستي ٿي وڪامي، نتِ نئين نيلام ۾،
## ڪڏهن ڪهڙي نام ۾، ڪڏهن ڪهڙي نام ۾.

هتي هن لوڪ جا ليڊر، وات ڦاڙيو واڪ ڪن،
ڏوڙ ڏوڪي ۾ ڏٽولي، ڌاريان هٿ ڌاڪ ڪن،
چيريو سي چچريو، سانگين جا سينا چاڪ ڪن،
اوپرن آزاريو، آهون اباڻن عام ۾!

ڪوڏيا ڪُرسيءَ سندا ۽، قوم جا قاتل قريب،
هر زمان رهبر مليا هن، قوم کي رهزن رقيب،
جج ٿيا جلاد هٿ رت، رات ڏينهن روئي نصيب،
ڪنهن وڏي ڪرسيءَ جي ڪارڻ، قوم قتلِ عام ۾!

پنهنجي بوليءِ بوليون، تان گُرز پالا گوليون،

Gul Hayat Institute

چپُ چُري جيرو ٻري، دل درد ڪنهن سان ڪوليون،
خون مارن جي منجهان هٿ، ڪيڏجن ٿيون هوليون.
قوم جا قاتل ٿا ڏسجن، عيش ۽ آرام ۾.

Gul Hayat Institute

# مرڪز

محافظ ملڪ جا ميڙئي، رکيئون سڀ مال مرڪز ۾،
اسانجو رت ٿيو نيلام، چاليهه سال مرڪز ۾.

اجان مضبوط مرڪز جو، نٿو پاندو پيو پرجي،
اماڻياسين هتان ابدال، سي ابتال مرڪز ۾.

اهو ميجر اهو ڪرنل، اهو جرنل جگر ڪائي،
سدائين سنڌ پئي ٿڏجي، مثل فٽ بال مرڪز ۾.

وڏيرن کي ڏيئي ڪرسي، ڏسو پوءِ تن سندي مڙسي،
هو وتندا پاڻ گهوريندا، عيال اَول مرڪز ۾.

پٺاڻن پنهنجي پت پا ري، بلوچن باھ هِت ٻا ري،
هيءَ باقي سنڌ ويچا ري، ڪسي ڪنگال مرڪز ۾.

Gul Hayat Institute

اهو سُر سنڌ وارا پي، صفا پيا سينڌ ۾ سمجهن،
ڪڏهن چنچل ۽ ڪلواڙو، ڪڏهن تنتال مرڪز ۾.

يقينن ديس پيا تسليم، ٿيندا هر زماني ۾،
ڪڏهن سنڌو ڪڏهن سرحد، ڪڏهن بنگال مرڪز ۾.

هميشه ڪونه رهندا هي، وڏيرا قوم جا وارث،
ڏيکاري معجزا مهدي، رهن دجال مرڪز ۾.

هٽي نڌرل ويو نارو، پٿائي جو پريو وارو،
وڃي رهندو هو دل ڪارو، اڏڙ اقبال مرڪز ۾.

مرڻ ڪارڻ لکين ”منشي“ اچن پيا ڳاٽ اوچي سان،
ڇڏيندا ڪونه پنهنجي، ديڳڙي ۽ دال مرڪز ۾.

Gul Hayat Institute

❀

## هڪ دفعو هاري اٿي ڪو پنيٺ پڙڪائي ڇڏيو،
## قوم جي قاتل جي ڪُڪ ۾ ڪان ڪڙڪائي ڇڏيو.

تو صدين کان سپ سانديا، ڏيل جن تنهنجو ڏنگيو،
تن جا اڄ مٽڪا مروڙي، لاش لڙڪائي ڇڏيو.

تنهنجي رت پورهيي پگهر مان، محل جي ماڙيون اڏيا،
تن تماڙن ۾ پري، ٽانڊا ۽ ٽڙڪائي ڇڏيو.

اڄ اٿو صدين سُتل، انسان ونون پرين پلاند،
ڳڏجي دشمن کان ونو سپ، ڏڳ ڏڙڪائي ڇڏيو.

اڏ مئا "منشي" هي مانگر، پيا هٽن پچ جي پچاڙ،
تيز ڪو تيزاب تن تان، چو نہ چرڪائي ڇڏيو.

Gul Hayat Institute

❁

محنت سان جي لاهي آيا ، ماني اُپ جي تارن مان،
سا تو ڦُري بندوق ڏيکاري، هٿڙن گورن ڪارن مان.

هٿ هزارين مِلي جُلي جي، ڪڙي ڪڙي زنجير بنيا ،
ڏاڍ جبر کي پڪڙي جڪڙي، تارين هٿ هچارن مان.

ٻن ٻارودن سان تو ڪيئن، انسان ٻُک جا ٻک ڪيا ،
اٿيا لوهي لڱ ڪروڙين، غرق ڪرڻ تو غارن مان.

ڌرتي چيري: ان اپائي، ملون ھلائي انگ ڍڪائي،
تن مٿان تون ٻر وسائي، ٿھڪ ڏئين پيو خارن مان.

تنهنجي شرارت شيڪو ڏسندي، شرمائي شيطان ويا ،
”منشي“ وير ونئي مرنداسون، سامراجي اِن سارن مان.

Gul Hayat Institute

# ڪونڌر

رت ريٽو ڏيئي راوت، سنڌ کي سوغات ۾،
ٻاک جون راسُون ويا راسي، رات ڪاري رات ۾.

سِر سَهائي سنڌ ڪارڻ، ٿيا اسونهن لئہ سونهان،
ڪين ڪسندي ڪسڪيا، ڏيئي ڪنڌ پنهنجا ڪات ۾.

ٿي جبل جابر اڳيان، ڏيئي آڏ ويري واڏ کي،
نور سان ٻجهرا نکيري، نامور ٿيا نِيات ۾.

ٿي وڏي واڪي چيائون، وانگين جا واهيرا،
ڪين ڏينداسون ڪڌهن، ور ڏيئي واڳون وات ۾.

ٿهڪندي ٿاندن مٿي تي، ٿهڪ تن جا ٿهڪيا،
ڏات آهي ڏيل ڏوکو، ڏک سدائين ڏات ۾.

Gul Hayat Institute

ڏيھ ڏيا ڏيئي ڏيا سان، ڏاڍ ڪي ڏاري ويا،

وڍ وڍڻ جي وير هئي، وونڪن ڪي وائي وات ۾.

ڪلپتين جي ڪڙم جا، ڪانئر نہ ٿين ڪوپا ڪڏهن،

موت ”منشي“ مانجهين، مهندان سدائين مات ۾.

Gul Hayat Institute

# لطيف در دانهن

**هتي ته چارئي پهر چڙهي پيو، سوريءَ سائين سچ لطيف،**
**سون ڏيئي اچ سوڏين ويٺا، ڪيئي ڪوڏيون ڪچ لطيف.**

سنڌ سموري سانگيئڙن جي، سائين سوگهي منجهه سنگهر،
ڌاڙيلن جا ڌرتيءَ هِن تي، ڏار مچي ويا آهن ڌمچر،
پورهين جو پورهيو ڪجي، ساءِ سستو رت پگهر،
راڻا راتو رات ڪُنا ڪيئن، ڪيئي قيدن ۾ ڪوندر،
جيجل جيءَ ۾ جل جلن ٿا، جاڳ وراءِ واڳ لطيف،
پونءِ سڀي پڙپانگ پيئي، پاڳيئڙن جا پاڳ لطيف.....!!

دم قدم تي ديس وندن لئه، در در اڏيل دام هتي،
ناز نپايل ناريون ڪيئي، ننگ پريون نيلام هتي،
پنهنجي گهر ۾ چور اسين ٿا، سڏجون صبح شام هتي،
سَچ چڙهي پيو سوُريءَ سائين، ڪاهڙ ساري ڪام هتي،

Gul Hayat Institute

ڳهر ڳهر ٽنگيل ٽياسن ۾، اڄ ٻاڙها ٻاڙها ڳهوٽ لطيف،
مهر ڪري اڄ ما روئڙن تي، ماڳن پنهنجي موٽ لطيف....!!

ڪت نہ ڪٽڪي ڪڙمي ڪاري، نہ ڪا وڄائي چال چڙي،
ٻچران پسيو پڊ ۾ پينگها، اکين مان پيا لڙڪ لڙي،
ويا ڏڪاري ولر واري، جن سان منهنجي جيءَ جڙي،
ڏينهن گذاريان تن ري ڏسڪي، رات گذاريان روئي رڙي،
سينڌ نہ سٽجي وانجهيو آهي، جهونگارن کان جهنگ لطيف،
ڪين ڪٿي ٿا پسجن پيارن، ڊاٿيڙن جا ڊنگ لطيف....!!

ڏؤر چڏي ويو درياه سارو، ڪين ڪنن ڪڙڪاٽ هتي،
اڄ نہ ٻولي ٻاٻاڻن جي، ٻاڳين جو پٽڪاٽ هتي،
مورن مينهن مڙڻ ڇڏيو ۾، ڪونج نہ ڪا ڪٽڪاٽ هتي،
دردن ماريل دلگيرن جي، دل دل ۾ دونهاٽ هتي.

اڄ نہ ڪو چونگار چڙي ۾، چوڙيلين جا چاڳ لطيف،

Gul Hayat Institute

ست پٽيرو ساڳ نه ڪو ڪو، دو ديرين جا داڳ لطيف....!!

دونهيون وِسائي پيهون ڊاهي، لاشڪ ويڙا لال لڏي،
سيني جا جي ساهه سهارا، سانگي ويا سي ساٿ سڏي،
چانگون چوڙي ڪلا اکوڙي، چني چورو ويا چڏي،
رند نها ريان هنجون ها ريان، ويڙا گوندر منجهه گڏي؛

واهر ٿي اڄ مون نه ولهيءَ تي، واڳون پنهنجون وار لطيف،
مون لئه ڌرتي ڌڳ ڌڳي پئي، ڏنا رن ڪان ڏار لطيف....!!

اڄ ڪٽي ڪو مچ ڙي سائين، جهانگين ڪا رڻ جهول پري،
جنهن جي ڏسندي جبر جلي ۽، لاهيون ڏيهه تان ڏاڍ ڏري،
جوت جلايون ساري جڳ ۾، جابر سان ڪا جنگ ڪري،
گهر گهر "منشي" گل ٽڙن ۽، آزادي جي جوت جلي،

Gul Hayat Institute

بيجل جو اڄ روپ وٺي ڪو، چوري اهڙو چنگ لطيف،
سورهه ڏيندا سِر ائين جيئن، سارين وڍجن سنگ لطيف....!!

پوڙهي جهور هي ورهن ڪان ڏس، ويٺي روئي لاڪب ۾،

رويو رڙيو لڙڪن سان ٿي، منهڙو ڌوئي لاڪب ۾.

آدم سنپري حوا بہ سنپري، سنپري نوح طوفان،

چڱن ۾ چيڙون لٿا بہ ليڙون، جهڙي ڪر بيجان؛

مرضن ماريل ڏکڙن ڏاريل، هلڻ ڪنا حيران،

ايندن ويندن چوري چيڙا، ڪجھ پئي چوءِ لاڪب ۾.....!!

پڇيم ڪنهن جي جائي آهين، ڪهڙي ڏوھ ۾ آئي آهين،

ڪين سڃاپي تون تہ سگهين ٿي، دائي آهين بائي آهين،

رت رُئين ٿي جڳ جڳين ٿي؛ تون ڪا شاھ جي وائي آهين،

هوريا هوريان هڪڙي نڪتي؛ هوءِ هوءِ لاڪب ۾.....!!

جهجندي جهرندي جهٽ پٽ مونسان، جهونگر ڪئي هي جهانگياڻي،

Gul Hayat Institute

ڪڏهن مان به هئس او منڙا، ملڪ سڄي جي مها راڻي،
پنهنجن مونکي ڀاتو آهي: ڄيري هن ۾ ڄاڻي واڻي،
پڇتائيندا رهيا آخر، پاڻ به پوءِ لاڪب ۾.....!!

مون ۾ سهڻي واري سچائي، مون ۾ نوريءَ وارو نياز،
سسئيءَ وارا سور به مون ۾، مون ۾ مومل جو ته مجاز،
منهنجو سچل سامي سانوڻ، منهنجو پٽ ڏٺي آواز،
مان خود مارئي، اڄ آ منهنجي، لڄ ۽ لوئي لاڪب ۾.....!!

مون ته وراڻيو تنهنجا هاڻي، جاڳيا "منشي" پُٽ جَوانُ،
هوشو، حيدر، بلو، صادق: جن جا سر مٿي سانداڻ،
دودا، ننگر، پونگر، جاڳيا: هاڻ ڪڍين چو ڪنهن جي ڪاڻ،
سڻيو ڳالهيون سرهي ٿي پئي، پرڙا سوءِ لاڪب ۾.....!!

Gul Hayat Institute

# ڊي- پي- آر

## سنڌ کي سوگهو ڪيو، سرڪار ڊي- پي- آر ۾،
## قوم جو ٻيڙو جوان- هر ٻار، ڊي- پي- آر ۾.

سوچ سانچي سيل ٿي ۽، سچ پيو سُوريءَ چڙهي،
ڪو ڪٿي ڪُونڌر ڪڙهي ۽، ڪو ڪٿي ڪلهو ڪڙهي،
ڪنهن چڙيو هي موت جو، منشور مارن تي مڙهي،
پر اسان جي لئه غلامي، گار ڊي- پي- آر ۾.....!!

هي نه دريا خان دودي، ۽ ڏاهر جو خمير،
جوڙ ٻيءَ ۾ جاڳيا، آهن زماني جا ضمير،
ڪيترا ڪُهندين تون قاتل، قوم هي آهي ڪثير،
آزماءِ تن کي پل، سؤ بار ڊي- پي- آر ۾.....!!

سنڌ پئي جيئندي سدا سَو، سُور ۽ سختيون سهي،

Gul Hayat Institute

لوح پڻ ويندا لهي ۽، ڏوهه تو پوندا ڌهي،

رهبري جي روپ ۾ هت، ڪئين ويا رهزن رهي،

تون به تن وانگي ئي مارو، مار ڊي- پي- آر ۾.....!!

رات ڪي رت ڏيڻ جي لئه، ڪيئي اڄ راڻا اُٿيا،

هر طرف ڪان هوڪ حق تي، هُل هاواڻا اُٿيا،

ڪاسبي هاري، ڪمي، پورهيت پُري پاڻا اُٿيا،

ڪوڙ جو ڪيسين ڪندين، وهنوار ڊي- پي- آر ۾.....!!

تون نه چا تو ڪان وڏا، غدار ويا غرقور ٿي،

ويا ڪپي ڪامي مري، مارن هٿان مجبور ٿي،

تون به ساعت سانگين لئه، سنڌ تي پل سور ٿي،

موج ڪر "منشي" چوي، ڏينهن چار ڊي- پي- آر ۾.....!!

Gul Hayat Institute

# دوکو

چنڊال چوڪڙي هي، چوندي چڪر ڏنوسين،
پورهيت پٽڻ پٽين پيا، هارين حشر ڏنوسين.

اخبار- ريڊيو- ٽي- وي، ڌوتين ڌُتار ڌرڙيون،
سانگين جا ساھ سوڳها، ۽ ڏيل ڏک ۾ ڏرڙيون،
ڪهڙي خبر نه آهن، ٻاهيون اسان تي ٻرڙيون،
جمهوريت جو جلوو، خنجر جگر ڏنوسين.....!!

ڪيڏو نه قوم سان ڪنهن، ڪيڏو فريب دوکو:
دل ۾ دغا دروهي، ٻولي چپن مان چوکو،
حيران آهي هرڪو، پورهيت مزور پوکو،
جڳ تي نه ڪو جڳن کان، اهڙو جبر ڏنوسين.....!!

قانون ڪي ڪُهن هِت، هڪ ڪورٽون ٻيا ٽاٽا،

Gul Hayat Institute

انصاف جي اکر لئہ، وانگي وتن ويڳاڻا،
هن حال جي حقيقت، مان ڄاڻندي نہ ڄاڻا،
ڀاڳيو ٻڌل ۽ چور هت، آزاد ير ڏنوسين.....!!

بازيگرن جي ٽولي، چڙيا ڪئين راڄ رولي،
چورن جي ور چڙهي ويا، ڀاڳيا وڏي ڪنهن پولي،
”منشي“ متان چڙين تون، ڪاهڙ ۾ ڳالهہ ڪولي،
سوريءَ تي سچ کي چڙهندي، شام و سحر ڏنوسين.....!!

Gul Hayat Institute

❁

ويا گورا وريا ڪارا، فڪر بدليا نہ فن بدليا.

نہ بدليو ڪو نظام، هن ملڪ جو باقي بدن بدليا.

ڪئين قائد مڙهين قانون، ڪارا قوم جي ڪنڌ ۾،

ڪهاڙيون ڪهڻ لئہ ساڳيون، رڳو ڳاٽيون ۽ ڳَن بدليا.....!!

ڏينهان ڏينهن پيا وڃن وڌندا، پياڪو رت پورهيت جا؛

نہ سانگي ڏينهن سگهو سنپرن، سوين هِت سال سن بدليا....!!

اُها گولي پئي گونجي، سدائين سنڌ وارن تي،

نسل نيپيئر سندو تن جا؛ نہ تَن بدليا نہ مَن بدليا.....!!

Gul Hayat Institute

متا مَچ ملڪ ۾ ”منشي“ سڄي ڪاهڙ جا ڪڳ ڪائي،

پرم پاندا ڪُلي پوندا، جي پاڳين پنهنجا پن بدليا....!!

❀

ڪورٽ ڪرسي ٺاٺا عوامي، گهوڙن پيڙهين گهاٽا عوامي،

ملي ويو منشور عوامي، سانگيڙن تي سور عوامي،

مير عوامي پير عوامي، تن وٽ ترڪش تير عوامي،

جيل عوامي ويل عوامي، هتي هزارين ڪيل عوامي،

اچي ويو نئون دور عوامي، چئني ڏسين چور عوامي،

ساري سنڌي ۾ سور عوامي، رهزن رشوت خور عوامي،

آهي هتي هر چيز عوامي.

ڏينهن عوامي رات عوامي، ڪنڌ عوامي ڪات عوامي،

هتي حساب ڪتاب عوامي، چڪلا ڪلب شراب عوامي،

رئيس ڪڏن هت ريس عوامي، ڪوڙا ڪيئن هت ڪيس عوامي،

رهزن جا ڪيئن رنگ عوامي، سيري ويا سپ سنگ عوامي،

مارن جو هر مال عوامي، ڪاهي ويا سپ ڪاله عوامي،

آهي هتي هر چيز عوامي.

Gul Hayat Institute

موٽر بنگلو ڪار عوامي، پاهه بکن ۾ پنهوار عوامي،

لؤنيا رن لڄ لُٽ عوامي، ظلم هتي اڻ کُٽ عوامي،

جهانگيئڙن تي جهير عوامي، ڪاتي ڪنڌ ۾ سير عوامي،

ظالم زميندار عوامي، هارين ظلم هزار عوامي،

بوري زميندار عوامي، چنڙ صوبيدار عوامي،

صادق هاري ملاح عوامي، گولي تنهن کي ڦاهه عوامي،

عام هتي آهي ماس عوامي، ڪائن تنهن کي خاص عوامي،

آهي هتي هر چيز عوامي.

Gul Hayat Institute

❀

## هڪڙو شاعر، جيل جي ڪوٺي، سوچيو ويٺو سوچي،
## سوچي، لُوَن لُوَن لوچي، هڪڙو شاعر.

ٽنگون ٻانهون زنجيرن ۾، زنجيرن تي سوچي،
وردين ۾ خنزير ڏسي ٿو، زنجيرن تي سوچي.

قوم سندي تقدير ڏسي ٿو، تقديرن تي سوچي،
سچ چوڻ تقصير ڏسي ٿو، تقصيرن تي سوچي.

ماضيءَ جا مهمير ڏسي ٿو، مهميرن تي سوچي.
پنهنجن جا ضمير ڏسي ٿو، ضميرن تي سوچي.

جهانگيئڙن جا جهير ڏسي ٿو، جهيرن تي سوچي،
ديس وندا دلگير ڏسي ٿو، دلگيرن تي سوچي.

Gul Hayat Institute

❀

## جڏهن ڪورٽ اندر ڪونڌر، ڪروڙين هي ڪُڌي پوندا،
## لَتن سان لرزجي سارا، هي لوهي در لڏي پوندا.

اُتن جيڪر ڪائي ڌڌڪو، ڏٺي هي ڏگ ڌرتيءَ جا،
تہ ڏاڙيلن جا ڌڙ ڌرتيءَ تي، هڪ ڌم سان ڌڏي پوندا.....!!

جڏهن تڙ سپ ڪندا تابع، ٻاٻاٽا ٻيڙين وارث،
تڏهن تونگر هي اڻ تارو، ٻاتاڙا ٿي ٻڏي پوندا.....!!

ڪري هڪلون حَقن ڪارڻ، اُٿن "منشي" جي مِڙ مارو،
تہ قاتل قوم ڪڪڙن جيئن، لڪڻ لئہ ڪنهن ڪُڏي پوندا.....!!

Gul Hayat Institute

❀

اسان هر دور جي حاڪم، ڪي حق جي ڳالھ چونداسون،
اسان وانگين جي هر ويري، وڏيري سان وڙهنداسون.

ڀلي ڪيسن ۾ اٽڪايو، ڀلي ڦاسين تي ڦٽڪايو،
ڀلي لوهن ۾ لٽڪايو، ڀلي ٽانڊن تي ٽهڪايو،
ڀلي سورين تي سهڪايو، ڀلي ميدان ۾ مارايو،
اسان سُوري تي پنهنجي ديس، جا نعرا پيا هڻنداسون....!!

اسان دودا هميراڻي، ۽ دريا خان ڏُولهاڻي،
اسان لاکا ته ڦولهاڻي، اسان هيمون به ڪالاڻي،
اسان صادق مزاراڻي، اسان سان شاهه سچل ساڻي،
اسان مهمير ميدان ۾، مرڻ کان ڪين مُڙنداسيون....!!

هي اسي لک جي آبادي، گهُري ٿي پنهنجي آزادي،

Gul Hayat Institute

ڪنداسون پنهنجي قُوتَ ساڻ، ٻي پا ڙن جي برٻادي،
سدا سانگين جي شهزادي، متي مهراڻ جي وادي،
انهيءَ مان سامراجي لوڏ، لوڏي نيٺ ڪيڏنداسون.....!!

هتي ڌاريان جي ڌاڙيلا، سپيئي گڏجي گُرو چيلا،
وجهي وانگين ۾ واويلا، ويا پيلي ٻنيون پيلا،
ڪري مارو اُٿيا ميلا، وهائي رت سندا ريلا،
ورهن جا وير ويرين ڪان، وڙهي هڪ ڏينهن وٺنداسون.....!!

مِڙيا "منشي" اجهي مارو، وطن پنهنجي سندا وارو،
ڪري هر درد پنهنجي جو، اٿا چاڙهن سي دوا دارو،
لکين لهرين منجهان لاشڪ، تري چاڙهن اِهي تارو،
اسان اکِ سامراجي ڪاٻه، سنڌ ڙيءَ ۾ نه سهنداسون.....!!

Gul Hayat Institute

❀

گوندر ماڪ ڊونگر گذاري وياسون،

پڪي ٿوڙي پيراءِ اُڏاري وياسون.

مَقام ئي مُقامن ۾ مليا اسان کي،

لڪين مڙهه مسيح ٿي اُٿاري وياسون.....!!

ڏيئي رات کي رت پرهه ڪئي سون پيداءِ،

جهان ۾ سوين سج اُپاري وياسون.....!!

ڪُنا جن ڪسا بن ڪان انسان اڏين تي،

اسان لک اڏين تان اُڪاري وياسون.....!!

ڏيئي موت کي مات "منشي" مئاسون،

مگر نئين نسل کي اجاري وياسون.....!!

Gul Hayat Institute

گهر گهر گهور انڌيرو، گهر گهر گهور انڌيرو،
راڄ مٿان راڪاس ڦري ويو، پُٽڪو ناهي پليرو.

دور ڪٿي هئا ڏيئڙا ڏسبا، سي پڻ اڄ نه اُجهاڻا،
ڪٿي ٿانڊاڻي چٽنگ نه چمڪي، ڪهڙا منڊ منڊاڻا،
ڪاري رات هي ڪاريهر جيئن، ڪِڪي جلائي جيئرو.....!!

گهر منجهان ڪو ڳاٽ ڪڍيو پيو، ٻاٽ ۾ ٻاري لاٽ،
واٽهڙن لئه وٽِ ڪي سوري، ويٺو ڏاهي واٽ،
تابش ڏس طوفان مٿس ٿيو، وري واءُ تِکيرو.....!!

انهي پوڙهي پُٽِ ۾ پيءُ جو، ڏيئڙا ڏيهه ڏيکاري،
جلندي پچندي ٻرندي سڙندي، ٻرنديءَ کي پيو ٻاري،
ڪُڙم جي ڪارڻ اُهس اندر جنهن، دل ۾ دردن ديرو.....!!

Gul Hayat Institute

پا رهيڙي پيا تنهن جي پُٺِ ۾، پنهنجا دام پکينڙي،
ڏِپ ۾ ڏِيبون ڪُڙهيون اُڇلون، ونجهيون ونڻ ويڙهي،
ٻا زن جي گهيري ۾ هوندي، ”منشي“ ڳٺڪي ڳيرو....!!

Gul Hayat Institute

ڏسي دل ڏکي ٿي، ڏکن جو سماج،
ڪري ناس ڇڏيو، هي ڦُر جو رواج.

ڇڏي ننڊ آرسَ، هي اُٿيا جڏهن،
ڪندا تنهنجا طاقت، سان تاراج تاج.....!!

وڏيرا ورهن کان، تو وانگي ڦُريا،
نہ هاڻي هي ڏيندا، تو داڻو اناج.....!!

ربي تو رمل سان، رچايو جو راڳ،
اسان اڄ انهيءَ جو بہ، ڳاڻون علاج.....!!

مڙيا ”منشي“ مارو، مرڻ ڪاڻ مارڻ،
نہ رهندي هتي ڪا، هاڻي تنهنجي هاج.....!!

Gul Hayat Institute

# لاهياري

## مان لاڙ جي آهيان لاهياري، مان لاڙ جي آهيان لاهياري،
## تنهنجي وڏيرا اک آ ميري، تنهنجي وڏيرا دل ڪاري،
## مان لاڙ جي آهيان لاهياري.

مان تان من جي مور نہ مندي، مون سان گڏ آ ڏاتو گندي،
مان تہ پنوهار رڻ پورهيت وندي، سائين پنهنجي ساجن سندي،
ملي مارئي ڪان ڏات ۾ مونکي، لوئي لڄ پياري،
مان لاڙ جي آهيان لاهياري.

ڏينهن سڄو ٿي ڏاتو هڻان مان، شام مٽي تي پريون ڪٽان مان،
ور وٽي مون، ور کي وٽان مان، تنهنجي منهن تي ٿُڪ هڻان مان،
تنهنجي وني ڏي مڙس منهنجي ڪي، راڻي راڄ ڪماري،
مان لاڙ جي آهيان لاهياري.

سرتين سٿ ۾ سُريت سڏجان، مري انهيءَ ڪان مٽيءَ ۾ گڏجان،

Gul Hayat Institute

سچي مٽي ۾ سنڌوءَ جو پاڻي، سورن ۾ سِرجي آهيان ساماڻي،

صدين سڙيل سماج هن جي، ”منشي“ مرضن ماري،

مان لاڙ جي آهيان لاهياري.

Gul Hayat Institute

*

نند اچي تو ڪيئن ٿي، ڌرتيءَ تي ڌاڙيلا،
ڏاڍَ ڏنگيو ڏيھ سارو، وانگين ۾ واويلا.

هي سُرندو جيئن پُرندو، دان سِرن جا گھرندو،
چاهت مان چنگ چرندو، ٻُري اٿندا ٻيلا.

رات رتو رت روئي، لڙڪن سان منھن ڌوئي،
ڏيئي ڏوراپن ڏوئي، اُٿ سگھو البيلا.

جيجل جيءَ تي جاندا، ٿاندا ٻرن پيا ڪاندا،
اچو نہ گڏجون آندا، ٻيٺ ٻڌي ٻہ گولا،

نڪ وجھن پيا نوڙي، سندو ٿئي پئي سوڙهي،
ڊھون هٺو اچو ڊوڙي، ”منشي“ مچايو ميلا.

Gul Hayat Institute

❀

## ڳاءِ ڳاءِ ڳائڻا، ٿورا ٿيج جا لاهڻا.

ڳوٺ ڳنگا ٿيا، پيا اٿم پاڻيا،
سڌ ڏيو ساٿيا، سڌ ڏيو ساٿيا،
جوڳي بن جا ڳائڻا، ٿورا ٿيج جا لاهڻا !!

انگ اڙجن پيا، سنڌ سڙجن پيا،
گهاٽ گهڙجن پيا، گهاٽ گهڙجن پيا،
ٻانگ ڏيئي ٻول ٻڌائڻا، ٿورا ٿيج جا لاهڻا !!

سڌ پڙاڏو ٿئي، پل مهاڏو ٿئي،
ڪير آڏو اچي، ڪير آڏو اچي،
تان هٽي تن تائڻا، ٿورا ٿيج جا لاهڻا !!

”منشي“ مر نہ مران، شل نہ ڪيرا ڪران،

Gul Hayat Institute

پل پيو ٻڙڪان ٻران، پل پيو ٻڙڪان ٻران،

بنجر باغ بڻائڻا، ٿورا ٿيج جا لاهڻا !!

Gul Hayat Institute

❀

## پيرين نہ جتڙي، بدي جا ڪاڙها،
## مارو ويچارا، پيرين اگهاڙا.

ڏيھ ڏهاڳيو، ڀاڳيو نہ جاڳيو،
سنڌوءَ صدين کان، ستم آساڳيو،
پسو ڏونئري ڏينهن، ڌڙن تي ڌاڙا،
مارو ويچارا، پيرين اگهاڙا!!

مارئي ڪوٽن ۾، مُنهن جوٽن ۾،
گهمن پيا گهر گهر، گهاٽا گهوٽن ۾،
راڄن ۾ رڳو، رڙيون ۽ راڙا،
مارو ويچارا، پيرين اگهاڙا!!

ڇيهون ٿيو ڇولو، اَڇهو نہ اولو،

Gul Hayat Institute

ڪٿي لڪائي، ڪانگن ڪان لولو،
ويا وڪامي، وانگين جا واڙا،
مارو ويچارا، پيرين اگهاڙا!!

منداڻو ”منشي“، ڪوڪي پيو ڪڇي،
پوڪار ۾ چا چوي پيو پڇي،
جيئڻ گهرو ٿا، جيو ٿي جاڙا،
مارو ويچارا، پيرين اگهاڙا!!

Gul Hayat Institute

❀

## نثو جو سنڌ لئہ لڙي، نثو جو سنڌ لئہ ڪڙهي،
## سو سنڌ مان لڏي وڃي، سو سنڌ کي ڇڏي وڃي.

برابري، سراسري، اسان گهرون ٿا ايتري،
پُڇي ڪٽي ڪو ڪيتري، اسان ٻڌايون هيتري،
آزاد قوم جيتري، آزاد قوم جيتري،
جو سچ انهيءَ تان سڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.....!!

نڪا رهو سنڌ ڙي حُسن، ڏسي ڪيئن ڪونڌر پيا ڪُسن،
ڪروڙ ڪاهيندا اچن، ڪُسڻ جو ڪوپ پيا پچن،
مچن مچن اندر مچن، مچن مچن اندر مچن،
جنهن وِک هٽائي بي وڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.....!!

هي مڪليون، موهن دڙا، ٿرن برن ٿڌا گهڙا،

Gul Hayat Institute

ٺهڪائي جنهن ٽانڊا ڪيا، ڪٽي ويو ٽڙ ٽپڙا،
انهيءَ ڪري هڙا وڙا، انهيءَ ڪري هڙا وڙا،
نٿو جو ٽڙ مٿان تڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.....!!

ٿي انتها ڪِيسَ جي، ۽ ڪيسين ويهندا هيسجي،
چڏي ڏي ريتَ ريس جي، پُريون ٻه ويندون پيسجي،
آ جنگ جيس جيس جي، آ جنگ جيس جيس جي،
اُٿي نه جو تڙي ڪڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.....!!

ٻُڌين نٿو ڪٻي سجي، نقارو جنگ پيو وڃي،
گھٽين هٿين چپر ڪجي، هلي نه جنهن هيئون هجي،
پڄي پڄي هيٺ پڄي، پڄي پڄي هينئر پڄي،
دڙي تي داڦ ٻيھ دڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي.....!!

Gul Hayat Institute

هي ملڪ "منشي" ٿيو مڪي، چوي پيو پڪڙ پڪي،
جڏهن ٻه قوم آ ڪڪي، لڪين لهي آيا لڪي،

سنڌوءَ جي سُرڪ جنهن چکي، سنڌوءَ جي سُرڪ جنهن چکي،

پيءُ نه جان سان جڙي، سو سنڌ مان لڏي وڃي....!!

Gul Hayat Institute

# حساب

اوهان گھٽيئي ڪيون الوليون، اوهان سان هاڻي حساب ٿيندو،
حساب ٿيندو، ڪتاب ٿيندو، اوهان سان هاڻي حساب ٿيندو.

ٻنهي هٿن سان، ٻئي ڪنارا، لُٽيا سنڌوءَ جا تو سال سارا،
نگر نگر مان لڳن پيا نارا، هي اُپ ڏاريندا اچن اوپارا،
ٿا هيو ڪي ٿاندن جهڙيون ٽوليون، اوهان سان هاڻي حساب ٿيندو.

ٽڪر ڪي ٽوڙي، هي جهنڊا ڪوڙي، ٻيائي ٻوڙي، نيندا نهوڙي،
گنجي گجن پيا، اجهي اچن پيا، جبر جهنجهوڙي، ڇڏيندا لوڙهي،
تڏا تڪيا تو چنيون ۽ چوليون، اوهان سان هاڻي حساب ٿيندو.

Gul Hayat Institute

وطن جا وڙهندا رکو نه راٽا، ٻيرڪيڙ هي ليون ۽ لاٽا،
اوهان سان اتڪي هي پوندا پاٽا، ڌوڪي ڌارين جا هي ڪيندا ڏاٽا،
وطن جو ورڻ ٽڻ ٻولي پيو ٻوليون، اوهان سان هاڻي حساب ٿيندو.

بندوقون تاڻي، صندوقون ڀريئي، اڃان به ڪنهن پر اندر نه ٺريئي،
نهوڙي نينديئي هي وانجهي وَرِيئي، نه هاڻي گهٽبي ٻُڇيان جو ٻريئي،
ڪٿي پونديئي ڪتا ۽ ڪوليون، اوهان سان هاڻي حساب ٿيندو.

وڪون وڏايو، وٺن واڏايون، صدائون ”منشي“ اڏين تان آيون،
هي سنڌ ڄايون چون ٿيون مايون، نه ڏينديوسين ٻنيون هي سايون،
لوڏيو پٺن ڪي ڏين ٿيون لوليون، اوهان سان هاڻي حساب ٿيندو.

Gul Hayat Institute

## يا سِج ڪُٿي، يا ٻِج ڪُٿي،
## يا موت اچي، يا روڳ ٿُٺي.

آهي ماڻ ٻه قومي ڏوهه وڏو، ڇا ڏوهه وڏو پر ڊوهه وڏو،
جنهن مانجهي پانڌي موهه وڏو، تنهن لاءِ نه آهي روهه وڏو،
هن رات جي وات ۾ ڪات ڪشي، جيسين نه هِتي ڪا ٻاڪ ڦُٽي.
يا سِج ڪُٿي، يا ٻِج ڪُٿي.....!!

اُن ماڻ ته ماريا مير ميان، پئي قوم سڄي زنجير ميان،
اها توڙئون ناهي تقدير ميان، جو جهانگين پيئڙا جهير ميان،
اُهو مرض نه لا علاج نه آ، جو ساري حياتي ڪين ڇُٽي.
يا سِج ڪُٿي، يا ٻِج ڪُٿي.....!!

اُن راهه جي راهيءَ ٿَڪُ نه ٿئي، ۽ پُڄڻ حاتي پڪ نه ٿئي،

Gul Hayat Institute

ڪٽي لُڪون جهولا جهڪ نہ ٿئي، ان ڪُر جو ڪونڌر ڪَڪِ نہ ٿئي،

يا سوريءَ سَرهو سِرُ وڃي، يا قوم تان لاهبا لوھ ڪُٽي.

يا سِڄ ڪُٽي، يا ٻج ڪُٽي.....!!

Gul Hayat Institute

❀

## وڏيرا ور ڏيئي ووٽن لئہ وري وريا وٺاڻن تي،
## چڙهي بنگلا، ڪاهي ڪارون، پڳا پاڳين جي پاڻن تي.

پنجن سالن جي پيڙهڻ لئہ، سَنَد ڏيندا وري سانگي،
ڏنگيندڙ ڏيهہ ساري جا، ڏسڻ ۾ ٿي ايندا ڏانگي،
سگهو گهر ۾ نہ سانگين جي، دَلن چڙهيو دلو دانگي،
ڪٽي نَڪ تِن جا تي سؤ، ٽِلي رسيا سي ٽاڻن تي.....!!

ڪرائم ڪنٽرول ائڪٽ، ۽ ڊي- پي- آر جو بيو دٻُ،
ڪيسين ڪوس هي رهندو، قوم تي ڪاتيون اهيئي ڪپُ،
سون سالن کان سانگين کي، پيو سُونگهي هي ساڳيو سپُ،
سڙي ٿي دل ستم ڏسندي، سدا سانگي سياڻن تي.....!!

پنجن سالن ۾ جن توکي، ڪري چڙهيو پنڻ پرين،

Gul Hayat Institute

متان تن ساڻ تون هاري، وري سڌ ساڻ سڌ پرپين،
نہ هي تنهنجا، ٿيا، ٿيندا، ڪوا ڄڪلهه يا سپان پرپين،
سپاڻي سپ سوئر تو مان، ٺَڪون لاهيندا ٿاڻن تي.....!!

پُساءِ تون ڪٽي پيارا، اهي پُرين سنديون پاڳون،
اُٿي وٺ وطن جا وارث، هاري پنهنجي هٿين واڳون،
چُرو ڳڏجو نہ چنبن ساڻ، چٽ چورنِ ٿين چاڳون،
متان ڦاسو چوي "منشي"، انهيءَ چُوٽيءَ جي داڻن تي.....!!

Gul Hayat Institute

# رهزن

راهزن کي اي عزيزو، رهنما سمجهو متان،
پنهنجي ٻيڙيءَ جو ڪڌهن پي، نا خدا سمجهو متان.

آشنائي زر ازل کان، جيڪي آهن رهنما،
تن کي پنهنجي درد و غم جو، آشنا سمجهو متان.

پنهنجي مقصد لئه ڪندا هي، واعدن تي واعدا،
پر اُنهن جي واعدن کي، واعدا سمجهو متان.

پاڻ ڪوڙا، قول ڪوڙا ۽ سندن ڪوڙا قسم،
سادگيءَ مِ اج انهن کي، پارسا سمجهو متان.

هاڻ ماضي کي چڏي ڪو، نئون نسل پيدا ڪريو،
چالباز جي مِڪر کي، سچ صفا سمجهو متان.

Gul Hayat Institute

هي سدائين قوم کي، نيلام ڪن ٿا دوستو،

تاجرانِ قوم کي اڄ، گهٽگهرا سمجهو متان.

چار ڦلڪا، ڀوڙ ڀاڪر، چانهن ۽ بسڪوٽ کي،

درد پنهنجي جو اوهين، دارو دوا سمجهو متان.

هاڻ جيپن ۾ چڙهي، ”منشي“ گهڻا ايندا مگر،

ووٽ ڪان جي پوءِ به ايندا، سي مٺا سمجهو متان.

Gul Hayat Institute

# ويڪائو

## وري پيپنگ ڪئي جن سي پائو اچي؛
## اچي ويا وڏيرا ويڪائو اچي ويا.

ڪسابن ڪان ڪُهندي، لنگهي ويا جي ليڪو،
وري سال پنج سي ڪٺا آيا نيڪو،
ورو سپ ويڙهيچا وٺون واٺ بي ڪو،
سوين پاڻ ۾ سوپ سائو اچي ويا.....!!

اٺي ۽ لٺي ۽ اجهي جا ڏيئي نارا،
ڪيئون قوم اڳيان پنهنجا مُنهن ڪارا،
ڪڏهن بنجي اسلام جي اڪ جا تارا،
ڪڏهن بنجي لينن ۽ مائو اچي ويا.....!!

Gul Hayat Institute

طبلچي وڏيرن جا طبلا وڄائن،
وڏا پاڻ کي قومي ورڪر سڏائن،
ڪوڙن کي اهي پُٽ ڪاٺائو ڪٺائن،
ڪڪا ڪرمٺي ڪنڌ ڪائو اچي ويا.....!!

وري ورڪ ۾ غرق ٿي وڏيرا،
ٻه مهينا ٻوليندا ڪنڌا ۽ ڪانڌيرا،
پٽيندا پوءِ پنج سال وانگين واهيرا،
گهتا ڏيئي گهٽيو جن سي گهائو اچي ويا.....!!

وڏيرا وڏا قوم وارث پيڙهيا تا،
ڪئين پور بوڙي هي وينا بيڙيا تا،
هي جا تا سجا تا ڪسيو تن ڪان ڪا تا،
ڏڏي ۾ ڪري هائو ميائو اچي ويا.....!!

بلو جن جا بينر ۽ جهنڊا پيا ڦڙڪن،

پناڻ جي اکين مان شعلا پيا ٽڙڪن،
سڄي سنڌ ۾ دشمن جون دليون ٿيو ڌڙڪن،
سچا ۽ سونهان ”منشي“ سائو اچي ويا.....!!

Gul Hayat Institute

❀

## هر بشر غمگين تنهنجي ڳوٺ ۾،
## ناهي ڪا تسڪين تنهنجي ڳوٺ ۾.

چار ٺيڪيدار واپاري ٻه چار،
سڀ ٻيا مسڪين تنهنجي ڳوٺ ۾.

واهه ڪورٽ جج تون جلاد تون،
ڪوبه رهندو ڪين تنهنجي ڳوٺ ۾.

هر مُعلم وڏو ءِ واپار سان،
دين سان بي دين تنهنجي ڳوٺ ۾.

Gul Hayat Institute

ستم هر جورو جفا توکي روا،
نُور سان نابين تنهنجي ڳوٺ ۾.

غم غريبن کي سدائين پيٽ جو،
تون ئي تون شوقين تنهجي ڳوٺ ۾.

بيڪسن ۽ بيوسن جي خون مان،
تو لاءِ پيرس چين تنهجي ڳوٺ ۾.

جنهن کي پوري تنهن کي سوري چاڙهيو،
تنهنجو ٿيو آئين تنهجي ڳوٺ ۾.

مُرڪ تنهجي کي ڏسي ”منشي“ پڙهي؛
سُورتِ ياسين تنهجي ڳوٺ ۾.

Gul Hayat Institute

# وڏيرا

## کُهڻ ڪاڻ، ڻگن ساڻ، ڪري ٺاهہ وڏيرا،
## ڪئين راڄ، ڪتن ڪاڄ، ڪيئي واهہ وڏيرا.

سڄي سانگ، ڪارا نانگ، چڙيا چانگ تو چوڙي،
جن جا تہ وهہ وات، سي ويا ڏيهہ ڏنگوڙي،
سڄو سانگ، ڪٽي ڏانگ، پٺيان تن جي پيوڙي،
گهڻا سال، سڪايو تو سانگين ساهہ وڏيرا.....!!

تنهنجي ٻڪ، بلاشڪ، ٻڌي ٻار چون ٿا،
آهي ڪوڙ، رڳو ڏوڙ، اهي هوڪا هڻن ٿا،
تنهنجا ٻول، ڪوڙا قول، ڪنهن کي ڪين وڻن ٿا،
ماڻهون، مال، تو ڪئين سال، ڪيا پاهہ وڏيرا.....!!

Gul Hayat Institute

ونئي چور، ماري مور، ڪيڏا ڪِيس ڪيا تو،
بي نور، اکين پور، نه ٿيو شرم حيا تو،
نه هو نج، تنهنجو بج، سنڌيءَ سان ڪو سياڪو،
ڪرسي ڪاڻ، چورن ساڻ، رکيئي چاهه وڏيرا.....!!

راتو رات، "منشي" مات، ٿيا غدار وطن جا،
ڪٽي پير، آيو هير، آهين تون به انهن جا،
تنهنجا يار، ڏسي وار، ٿيا ڪاندار بدن جا،
جنهن ڏينهن، اٿيا شينهن، ڪيندئه لاهه وڏيرا.....!!

Gul Hayat Institute

❀

مونکي معاف ڪجو، انصاف ڪجو، سچ سڀ کي سڻائي وينداسون،

جن جهانگين ٽنٽري جهول پري، تن پول پڌرائي ويداسون.

مان ڪنهن کي پلا چو چور چوان،

ڪنهن ڪانگ چوان ڪنهن مور چوان،

ڳالهه نئين هي تازي آهي،

هر ڪنهن پنهنجو ماضي آهي،

خود پيٽ ڪريو اُڪ ٽيٽ ڪريو،

ڪنهن پيٽ پريو ڪنهن چيٽ چريو،

اسان جڳ ۾ جڳنا جوتي آهيون،

جوت جلائي ويندا سون.....!!

Gul Hayat Institute

درياهه ٻه لاهن چاڙهن ۾،

انسان ٻه چانئن ڪاڙهن ۾،

ڪو شيشن ۾ ڪو شيخن ۾،
هي قاضي هميشه عيشن ۾،
تعويذ وٺن ڪو آهي سڳو،
يا ڪنهن جو رت آ منهن لڳو،
ڪا تا به ڦريا ماڻهون به مئا،
ڪنهن ڪين ٻڌا ڪنهن ڪين سُئا،
جا حق چوڻ تان ٽِيپ لڳي،
اسان سا به ڪمائي ويندا سون.....!!

اها ڳالهه اسان لئه ناهي نئين،
اسان روپ ڏٺا آهن اهڙا ڪئين،
ڪو وانگيئڙن جي لاءِ وڙهي،
ڪو مايا ميڙڻ گهات گهڙي،
ڪرسي ته اها ئي ساڳي آ،
ڪنهن لک نه ليهه ڪو داڳي آ،
خود پيٽ ڪريو اک ٽيٽ ڪريو،

Gul Hayat Institute

اسان سادا سوڌا ٻيجھلڙا،

پر ٻول ٻرائي ويندا سون....!!

مون کي معاف ڪجو، انصاف ڪجو،

سچ سڀ کي سڻائي ويندا سون،

جن جھانگين ڏنڙي جھون پري،

تن ٻول ٻڌائي ويندا سون....!!

Gul Hayat Institute

## پاپي

**هڪڙي پاپي ڪُهايا، هتي هزارين هاري ڙي،**

**ڌنڌي باڳي بدينڻ سان، ڪارتي ڪربل واري ڙي.**

چينل چيري پانڌي پنهنجو، ويري واهي واهه ويو،
هيڏو ڏاڙو لُونيارن جو، لاشڪ نڪري لاهه ويو،
ڪنهن نہ ڏٺو ۽ ڪنهن ٻڌو ٿي، سوڳهو سانڪين ساهه ويو،
انگ اڳهاڙن ان ويو ۽، ڳُگدامن ڪان گاهه ويو،
پئي اُڏامي ويهن واهن، اندر ڏس تون واري ڙي.....!!

پَٽڪا پوتيون آهون آزيون، اونين ڪئين ايلاز ڪيا،
ڪنهن نہ ٻُڌا ۽ ڪنهن نہ ڏٺا هِت، اپرن ڪئين آواز ڪيا،
مارن کي مجبور ڏسي هن، قاتل نخرا ناز ڪيا،
ڪيڏا هاچا هارين سان هن، آمر مير اعجاز ڪيا،
اڄان بہ جابر روز چون ٿا، آهي جمهوريت جاري ڙي.....!!

Gul Hayat Institute

سعدا واهه جون سايون ٻنيون، سُڪي ٿيون پڙپانگ الاءِ
شاخ وهڻائي ٿيل ڪان هينان، اُڃ مَرن پيا ڪانگ الاءِ
مال ۽ مارو مٺنا وارا، سانگي ڇڏي ويا سانگ الاءِ
ڏنگ هڻن پيا ڏيهاين کي، نور واهه تي نانگ الاءِ
ڪنگالن مِ ڪنگ رڙيون هي، ڪهڙي قيامت ڪاري ڙي.....!!

ما روئڙيون محراب جون آئين، پاڻي ميلن پند ڪري،
اڏ سج ايندي ويندي پورو، ماريا ٻئي ير ٻار ٻري،
ٻانهون ڪٽيو ٻانهيا ريون سي، پٽين شل هي مير مري،
گنج بحر جا سر سڪي ويا، چارو ڪنهن پر چال چري،
مور شاخ جا ما روئڙا ڪن، توبهه توبهه زاري ڙي.....!!

ونگيءَ وارن وانگيئڙن جا، مرندي ڪنهن ٻه نه مال ڏٺا،
هڏا چڙهه ۽ هميرا جا، هيٺا ڪنهن ٻه نه حال ڏٺا،
لاکيا ري تي لاکيڻن جا، لچندي ڪنهن ٻه نه لال ڏٺا،

Gul Hayat Institute

هٿ ڪٽي ويا هاري هرن تان، پورهيو پچندي مون ڪاله ڏٺا،
سائي سبزي سوڪ سڪي ٿي؛ سنهي گولي سائي ڙي....!!

پنوهارن کي پاڌر واه مان، پاڻ نه مليو پاڻي آ،
بيڙي واه تي ٻج سڙي ويا، پاڻي ڪئي نه پڇاڻي آ،
راجواه جي راڄن جي ڏس، روئندي رات وهاڻي آ،
عادو علي ٻجر ٻنهي جي؛ ڪهڙي يار ڪهاڻي آ،
رت وهائي رات سڄي هٿ، گهار وارن ڪيئن گهاري ڙي....!!

هي نه حڪومت اُهي عوامي؛ ريڊين ۾ اخبارن ۾،
اهڙو آمر ڪنهن نه وڏو اڳ، مارو منجهن مارن ۾،
سوشلزم اسلام ڦري پيو، ڪارين وڏين ڪارن ۾،
وڏو وڏيرن ٻاڪر ڪٿو، ٻاٻاڻن جي ٻارن ۾،
سانگيئڙن جو ساه سڪايو، چمڙن پيو چوڌاري ڙي....!!

واڳُن هٿ ۾ واڳ ڏيئي هِت، پُڻ پينگ ڪرائي آ،

Gul Hayat Institute

وانگيئڙن سان ويل ڪيا هن، رکي ٿاندا مير ٿندائي آ،

پچ ڳنڍيل جنهن پنگريہ ۾، سپ کان ظلم سوائي آ،

محمد بخش تنهن مير ڪيا ڪئين، ناحق خون نشائي آ،

جُوءِ سڄيءَ ۾ جهانگيئڙن سان، جنگ تہ جنهن جي جاري ڙي....!!

Gul Hayat Institute

*

## بچي پوندين، جي ڌڙ ڌرتيءَ کي آڇيندين،
## نيٺ ٽوڙي نڪري ويندين، جي راٽل پنهنجو رت ڏيندين.

جهجهندي جهرندي جهوڪ ۾، ڪيسين رهندين لوڪ ۾،
غلاميءَ جي طوق ۾، بچي پوندين.....!!

ڪارا فرنگي ڪڙڪيا، ساري سنڌ ۾ وڙڪيا،
ٻاٻاڻا سڀ ٻڙڪيا، بچي پوندين.....!!

ٻنيا آهي ٻري ويئي، پهچي ڏاڍي جري ويئي،
تنهنجي ڪيئن سري ويئي، بچي ويندين.....!!

راٽل رت جو ريج آ، ڏيئڻو نسلن ڏيج آ،
وقت جو هڪ ئي ويچ آ، بچي پوندين.....!!

Gul Hayat Institute

ڏس نہ ويري وات ۾، هٿ ٻئي وجهہ ڪات ۾،
ڪيسين رهندين رات ۾، ٻچي پوندين.....!!

گهر گهر ”منشي“ گهاءُ ڏسو، هر گهاءُ ۾ ڪيڏو تاءُ ڏسو،
ڦٿڪي پيئي ماءُ ڏسو، ٻچي پوندين.....!!

Gul Hayat Institute

ڪنهن قوم کي زهر قاتل پيارو،
ڪولي مَٽ موکي متارن کي ماريو.

نياڻي ناتر جي اها مائي موکي،
ڪڏهن قوم جي لئہ، چڱي ناهي چوکي،
ڪيڏو قوم کي جنهن، ڏهاڳ آڏيا ريو....!

کهڙي ڪم جا تو، ندوري هي نما ڻا،
وڏي واڪ وڪيا، تو پاڳين جا پاڻا،
نہ اڳ پٽ ڏي اوڳي نمي تو نهاريو....!

Gul Hayat Institute

آجائي لئہ آتا، اندر جن اجاريا،
ناتر جي ناتڪ ۾، وهي ويا ويچارا،
ڪڪوري سڃي ڪاڪ، ٻارڻ ڪنهن ٻاريو....!

مٺا رن جا ”منشي“، هي لاشن تي لاشا،
موکي مٺي ۾ مستان، ڏسي پئي تماشا،
مٺا را وڃن پيا، پنهنجي پٽ پا ريو.....!

Gul Hayat Institute

# درد

هتي بي گناهه بي سبب ڪئين، مور مانجهي ويا مري،
هاڻي بند ڪر پنهنجي اها ، تون بي سُري بس بانسري،

چو تون پير پيرن ڪان گهرين، هنج پول ڪپرن ڪان گهرين،
موتي ٿي چپرن ڪان گهرين، ڪجهه سوچ ڪر او سانوري.....!!

ڌرتي پئي آهي تتي، رنگدار ريٿي رنگ رٿي،
سچي پچي ستي جتي، بارڻ ويا تنهن تي بري....!

ٿاٿو نبا ڏيئي پئي آن ٿڪي، هاڻ پيڙه ڪا پڌجي پڪي،
ڏاڙيل آ ڌرتي تڪي، تنهن کي ڏيڻ پيئي تري.....!!

ويران وانگين واديون، آباديون برباديون،

Gul Hayat Institute

تنهن کان سواءِ ڪئين تعديون، ڏاڍي ڊونگري آهي ڊري....!!

سٽي جاڳ ۾ ريهون ٻڌان، پنهنجي ڪونڌرن ڪيهون ٻڌان،

رويو ڏيان، رويو ڏيان، ڏاڍي ڳالهه "منشي" لئہ ڳري....!!

Gul Hayat Institute

❀

## ڪريو قوم ڪناري ڪريو، گهر پيو لُٽجي پريو ٽريو،
## چوي پيو اڄ چريو ڪريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو.

ڪُن نڪو نچ چڪي پيو مانجهي، واري ونجهه ورايو وانجهي،
سِر سجدي ۾ سر تي سانجهي، ٻيڙي لهرين ڪئي آلانجهي،
واءُ ڏکيرو وريو وريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو.....!!

پاڳارن پل پڳ سونهي شل، جوت سان جڳ جڳ سونهي شل،
جن پٺ سونهي تن اڳ سونهي شل، دائم سنڌ جو ڏڳ سونهي شل،
پاڻ بچائڻ پاڳن پريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو.....!!

Gul Hayat Institute

مخدوم هميشه مُخبر ٿيندا، جهڪون جهولا ايندا ويندا،
نوح سندن جي سونهن ٿيو ته ٻه، سِر سنڌوءَ لئه ڪين ڪي ڏيندا،
ڪو ڪوڪير وجي ٿو ڪريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو.....!!

سڌ سماٽ بلوچ به ساڳيو، ڌرتيءَ سنان جو پيو آواڳيو،
ديس درندن داڳيو داڳيو، زمين جو آضمير جاڳيو،
وري نه ايندو جي ٿاڦو ٿريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو....!!

ڪيڏي سُهڻي شام سندوءَ جي، هنڌين ماڳين هام سندوءَ جي،
ڪونجن وانگ اُڏام سندوءَ جي، دانهن ڪو ڪاڄ عام سندوءَ جي،
يا رڻ جنهن تي ٻريو ٻريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو....!!

سينڌ سندوءَ جي سُڪل واري، جنهن ۾ جر ڦڙو نه جاري،
وري به ڪاري ديو تياري، هيبت ۾ اڄ هاري ناري،
ڌرتيءَ جو ڪو ڏيان نه ڌريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو....!!

”منشي“ نيٺ نه ورندا مانجهي، ٻيڙي مور ٿيندي لانجهي،
سڻپي رهندي صبوح ۽ سانجهي، سنڌ نه پيئندي ڪڏهن ڪانجهي،
وارو ڪريو وارو ڪريو، ڪريو قوم ڪناري ڪريو....!!

Gul Hayat Instutute

٭

لڪ ويا ٿي ٻڪ بندوقن، ڌاڙهن جا ڌر ٻند ٿيا.

ڪونڌر ڪُسن پيا، نونڌ نچن پيا. هاڃان هيءَ هر هنڌ ٿيا.

اي قوم ڪُلهن تي ڪيستائين، ڍولڻ لاشا ڍوئيندا،

چوڌاري هي چڙيل ماڻهون، ڌڪ گهٽن جا ڌوئيندا،

يا رهزن اڳيان راتو ڏينهان، رت ائين پيا روئيندا،

قومن ڪنڌ ڪپايا تڏهن، رت مان رستا رند ٿيا.....!!

جهر جهنگ هاڻي جهيڙو گهرجي، جهيڙي جو ڪو چيڙو گهرجي،

ماڻ مردن ميڙو گهرجي، پائر پائر پيڙو گهرجي،

سانگين سيڙهو ويڙهو گهرجي، لڱ نہ هاڻ ڪو ليڙو گهرجي،

سنڌ امڙ جا سورن سهندي، ساڻا ساڻا سنڌ ٿيا.....!!

ڌرتي جي ڪُڪ سائي آهي، رت جي ريج رچائي آهي،

ڪنڌ ڪپاءِ ٻُڙ ٻچاءِ، ٻي سڀ ڳالھ اجائي آهي،

هي ڌرتي تنھنجي منھنجي آهي، ڪنھن ڌاريين ڌوتي جي ناهي،

آزادي لئہ انبوھ ماڻھو، آهن آسوند ٿيا.....!!

Gul Hayat Institute

# ديس دروهي

## ڪوڙ ڦڙو هت وسڻو آ، هر ديس دروهي دسڻو آ،

## رت راه رتوليءَ رسڻو آ، هر ديس دروهي دسڻو آ.

برساتن ۾ باهيون وسنديون، ڪوهن ۾ پڻ ڪوريون ٽپنديون،
ڌرتي ساري ٽامون ٿيندي، سنڌ سموري سامهون ٿيندي،
اُپ اپارون ڪائي ڪائي، نيٺ پَٽيندو ساهي ساهي،
ڳوريلن جا گيت هوا ۾، پرندا محبت ميت هوا ۾،
راڄ ۾ ڪوبہ نہ روڳي رهندو، ٺڳ نہ ڪو ڪو ٺوڳي رهندو.
اهڙو ڏينهن بہ اچڻو آ، هر ديس دروهي دسڻو آ.....!!

Gul Hayat Institute

هي بڪتر بند هوائي حملا، شينهن مردن پڌيا شملا،
وانگي ورندا ويرن وانگي، سِر ڪٽائڻ سنڌوءَ سانگي،
آيا آيا جاڻ نہ آيا، گيت ڳڻوارن ائين پئي ڳايا،
ڪرندا ڪنگرا ڪوٽ ۽ قلعا، پاهر نڪري ايندا ٻلا،

ڪوندر رڪندا ڪنڌ مروڙي، هنن چڏيا ٽڪر ٽوڙي،
هي ڳوٺن شهرن ڳهڻو آ، هر ديس ڌروهي دسڻو آ....!!

تاريخ جڏهن تاوان گهري ٿي، در در ڌرتي دانهن ٻري ٿي،
تازو رت تاوان ڀريون ٿا، ڪنهن جي غلامي ڪين ڪريون ٿا،
اهڙا ڪئين اسرار ڏناسون، تاريخن جا پيٽ ڀرياسون،
دودا، ننگر، ڀونگر، آيا، اهڙا لکين مائن ڄايا،
جو لهڻو آ سو ڏيئڻو آ، هر ديس ڌروهي دسڻو آ....!!

پُون اٺندي پڙڪو ڪائي، وڻ ٽڻ قوم پرستي وائي،
ڌهيسر هڻندا دهلن ڏونڪا، ويرن وانگي ورندا وونڪا،
يورپ جا هي پاليل ڪُتا، نيٺ نه پڄندا ڪائي جُتا،
اڄ قوم جي ڪُک ۾ ڪان لڳو آ، گهر گهر اهڙو گهنڊ وڳو آ،
هر ماڻهو ”منشي“ مرڻو آ، هن ڀونءِ جو پيٽ نه ڀرڻو آ،
هر سُور سنڌوءَ جو سهڻو آ، هر ديس ڌروهي دسڻو آ....!!

Gul Hayat Institute

# بندي خانا

## ڪري بيدي بنديخانا، ٽُٽي ويندا، ڇُٽي ويندا،
## ڏيئي ڏس ويا ڏاڏا نانا، ٽُٽي ويندا، ڇُٽي ويندا.

ڪٽان ڏيئي ڪروڙن مان، لٽا ڙي لڪ لوڙهن مان،
اچو نڪري ٿيو آجا، پنجابن جي پنجوڙن مان،
مچايون پنهنجا ميخانا، ٽُٽي ويندا، ڇُٽي ويندا.....!!

وفاقي ناهي آفاقي، آهي چورن جي چالاڪي،
اُڌم آڌ صديءَ کان هي، اهو گهاٽو اهو چاڪي،
ڪيسين رهندا ٿي بيگانا، ٽُٽي ويندا ڇُٽي ويندا.....!!

Gul Hayat Institute

چڙهي مهراڻ جي وادي، ٿيا اسلام آبادي،
انهن ۾ آسرو ڪهڙو، نه ڪي سي نَر نه ڪي مادي،

پنهنجي ٻاريو ٿي پروانا، ٽُٽي ويندا ڇُٽي ويندا....!!

آهيو ڪُوڙ ڌڪو ڪيڏا، جگر ڏاريو جبل جيڏا،

حقيقي حق جي هوڪي تي، هتي هاجا ٿيا هيڏا،

ڀڄي سڀ بت ۽ بتخانا، ٽُٽي ويندا، ڇٽي ويندا....!!

وڙهي هر ڪنهن ڪان ورتئون حق، تنهن جا شايد لڪيءَ جا لڪ،

اوهين ڏاتار خود ڏيهه جا، جيئو ٿا ڪيئن رهي جاجڪ،

ڇون سڀ ديس جا دانا، ٽٽي ويندا ڇٽي ويندا....!!

مقابل منهن ٿيا "منشي"، نه واڪن تي ڪري واڪا،

ڀڏائيندس ٻاٻاڻ ڪي، ٻهادر ٿي اچو ٻانڪا،

متان مادر منجي طعنا، ٽٽي ويندا؛ ڇٽي ويندا....!!

Gul Hayat Institute

# ڌرتي - دين - ڌرم

ڌرتي دين ڌرم، ڌرتي دين ڌرم،
ڌرتي ڪعبو، ڌرتي ڪاشي، ڌرتي ديرو حرم،
ڌرتي دين ڌرم

دين ڌرم سڀ ڌرتي ڄايا، ڌرتي آهي اتم،
انسان جي آجائيءَ جو، آهي پونءَ پرم،
ڌرتي دين ڌرم

سنڌ ڌرتيءَ ڏانهن ميري من کي، پاڳيا ڪن ڀسم،
ڪاهڙ ساري ڪنهان ڪوندا، ڪن نہ ڪن سي ڪم،
ڌرتي دين ڌرم

پريا تريا درياهہ هن مِ، بڻيل باغ ارم،
ٿڌ ڙيون ٿڌ ڙيون هيرون جنهن جون، شام وسي شبنم،
ڌرتي دين ڌرم

Gul Hayat Institute

شاهہ بلاول، دودا، هوشو، ذرتي ڄايا ڄمہ
سوڳند ساٿ سچو سنڌوءَ سان، ڪوڙو ڪن نہ قسم
ذرتي دين ذرم
هن ذرتيءَ جي هر بانڪي جاءِ بازو آهن پمہ
رڪ پکڻاري راڻن چڙيا، گڙيي ٿيا جي گرمہ
ذرتي دين ذرم
مٺيءَ سان آ محنت جائز، شرعاً ڪهڙو شرمہ
سنڌو ديش لئہ تيسين وڙهبو، جيسين دم ۾ دمہ
ذرتي دين ذرم
مارئي مچايا ملڪ مٺيءَ لئہ، مارڻن ۾ ماتمہ
ڌوراڻن کي ڌوڙ وجهي هن، ڳايا ڳاگيون ڳمہ
ذرتي دين ذرم
واهڻ واهڻ واهڙ واهي، ڪري ترايون تمہ
سنڌ درياهہ جو بنهي ڪنڌين سان، سهڻو آهي سنگمہ
ذرتي دين ذرم
”منشي“ مهڪون سنڌ مٺيءَ جون، اٿليون عرب و عجمہ

Gul Hayat Institute

هن جون هاڪون هن جون ڌاڪون، پهتيون پورب پڇم،

ڌرتي ڏين ڌرم

Gul Hayat Institute

# منهنجي ڌرتي

هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ، هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ،
ورثي ۾ وڏن کان ورتي آهي، تن پيار مان مون کي پرتي آ،
هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ.

آهي هر جاءِ هيرن کاڻ هتي، وهي موج پريو مهراڻ هتي،
سچي سونهن سڳند سرهاڻ هتي، جنهن سان واسيل وستي آ،
هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ.

هي ڌرتي جيجل ماءُ سڳي، سِري لاڙ وچولي سين وڳي،
هي رت دريا مان تار تڳي، هتي گهر گهر قومپرستي آ،
هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ.

هتي رت رتولي راڳا ٿي ويا، دشمن پاڳان پاڳان ٿي ويا،
هتي مٽي سان جن ماڳان ٿي ويا، تن پياري وستي وستي آ،
هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ.

هتي هاڻو ڪوبہ نہ هام هڻي، هي ڌرتي دودا ڄام ڄڻي،

Gul Hayat Institute

هتي راڻن رت جي راند وڻي، متان سمجهين سنڌ ڪا سَستي آ،

هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ.

هتي بيلا ميلا ٻهرا ڙيون، هتي ڌرتي اوڍي ساوڻ سا ڙهيون،

هتي پاڳين 'منشي' اکيون ڳا ڙهيون، تن سنڌ سان انگ الستي آ،

هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ.

Gul Hayat Institute

❋

## پاڳين تي روز پالا؛ نت نت نوان نرالا،
## ڪيسين هي سُور سهندا، ڏيئي عقل کي تالا،
## نت نت نوان نرالا.

پونءِ تي هي چا ٻڌيو آ، تو ڳالهه کي ڳنڍيو آ،
توکي ويهڻ وڏيو آ، هر ڪنهن مِنو ڇڏيو آ،
سامهي مِ سُور توريو، سڀ ڪان سنڌوءَ سوالا،
نت نت نوان نرالا.....!!

ڦاهي ڦندي جي سِرڪي، ڦاسي پئي سوني جهرڪي،
هڏ سور مِ پيا ڪُرڪي، تنهن کي صحت جي سُرڪي،
پَر پِر پري پيا ريو، اچا ڏڪ آهن آلا،
نت نت نوان نرالا.....!!

موسم بہ آ موچاري، سرنهن بہ آ ڦلهاري،
ڌرتي کي ريج رت جي، اوتيل آ آبياري،

Gul Hayat Institute

عيدون ٻہ چاڻ آيون، گهر گهر ٻرن مشالا،

نت نت نوان نرالا....!!

ڪتن ڪي چڻ ڪوڪاري، ڏارين جي ڏڻ ڪي ڏاري،

پنهنجو پاڻ تي بچايو، "منشي" مرم ٿو ماري،

آخر هي وير ونندا، جُڳ جُڳ جيئن جيالا،

نت نت نوان نرالا....!!

Gul Hayat Institute

*

مُند آهي ڇري، رات آهي ٿري،
مهڪ موتئي سندي، واهوندي ۾ وري.

تو ڪهي اڄ ڪڇي، رنگ روح جو رڇي،
ڪا نہ محفل مڇي، من جي 'ميران' نڇي،
آڌ جيڪو اڇي، هڻ تنهن کي ترِي.....!!

ٻئي ڪڇي جون ڪنڌيون، ريٽ ۾ ڇيٽ ٿيا،
پرجهلا پُون جا، پاڳيا پيٽ ٿيا،
سُونهن سنڌوءَ کي، ڌس نہ ڪيڏي سري.....!!

Gul Hayat Institute

رات ڪينٽيءَ مٿان، ڪُونجڙيون ڪُڻڪيون،

جي پِريون پاڪُرين، سي پنيءَ پُڻڪيون،

تو سري اي پرين، مون نہ ساعت سري.....!!

ڪيٿ ڪستوري ٿيا، ڪوڙ ڪَنهبا ڪڙيا،

'منشي' مومل پسي، مينڌ را ڪئين مڙيا،

تو بنا اي پرين، هر پَرِي اوپري.....!!

Gul Hayat Institute

*

## ڪاري ڪاري رات او ساٿي، ڪاري ڪاري رات،
## جوت جڳائي جڳ ۾ جاڳي، پيدا ڪر پرڀات.

ڪوڙي ڪيس اڙيات اڙي ٿو، ٻُک ۾ تنهنجو ٻار رڙي ٿو،
دل ۾ پنهنجو پاڻ دڙي ٿو، گهنگهر گهاري گهاٽ گهڙي ٿو،
سينو ڪنهنجو ڪونه سڙي ٿو، ههڙي منجهه حالت او ساٿي.

رئيس جو ڪتو ريشم پائي، غريب جو ٻار اگهاڙو آهي،
اِئين لکيل اسلام ۾ ناهي، تون ته ڪمائين وڏيرو کائي،
رت پسينو اسان جو آهي، هن ڪيو هضمات او ساٿي.

وڏو وڏيرو ڪين ٺَڪي ٿو، ڪنهن جي ڌيءُ ۽ نونهه تڪي ٿو،
ما روئڙن جو ماس الاڙي، هتي وڪامي پئسي ٽڪي ٿو،
حال ڏسي هي ڏيل ڏڪي ٿو، ظاهر هي ظلمات او ساٿي.

Gul Hayat Institute

مارن جا ٻڇي ماس هڏا، جنهن تي عيش پيا ڪن پيٽ وڏا،
پاپي وڏيرو پاڻ پڏاءَ، پاڻ جهلائي پاڻ چڏاءِ،
وقت جو ساٿي مليو تو آهي، حاصل ڪر نجات او ساٿي.

ڇا جو ٽائيم ڇا جو ٽاڻو، مسڪينن جي ماس تي گهاڻو،
سردي گرمي ساڻو ساڻو، پوءِ به گهر ۾ ان نه داڻو،
سمجهي سيٺ ٿو ڪاٽ جو ماڻهو، هئي هئي هتي هيهات او ساٿي.

'منشي' ڪهڙا مارو ئڙن جا، ڪريان ڇا مذڪور هتي،
ذري ذري ۽ وِک وِک تي، ويڙهيچا وهلور هتي،
ڏوٿيئڙن کي ڏيهه سڄي ۾، سور مليا سوغات او ساٿي.

Gul Hayat Institute

## روپا ماڙي

**هن ڳاڙهي ڳاڙهي ماڙيءَ ۾، ڪئين روپ هزارين رنگ هئا،**

**سي ڏينهن هئا نت نينهن هئا، ڪن نام ڪتن جا ننگ هئا.**

چا شهزادن هت شان هئا، مانجهين مردن مان هئا،
چا آن پريا انسان هئا، چا سورهه پٽ سلطان هئا،
چا ٻاگوءَ جهڙا ٻان هئا؛ جن دودن ڏنڙا دان هئا،
ير- غيرت محبت حڪمت حشمت، دولت ۾ سي دنگ هئا.

چا گهم گهمان هئا گهوٽ هتي، سي گهوٽ ٻه ڪي اٽموٽ هتي،
ڪو دودو چوٽان چوٽ هتي، ڪي ننگر پونگر سوٽ هتي،
هو اولو هر ڪنهن اوٽ هتي، هئي هيرن مُور نه ڪوٽ هتي،
۽ چالن ڪندين چؤواٽن تي، چرندا چوَڏس چنگ هئا.

Gul Hayat Institute

جن ٿر بر ھڻڙا ٿاڪ سدا، سي بانڪا پٽ بيباڪ سدا،

تن ھنڌين ماڳين ھاڪ سدا، ۽ دل جا پاڪئين پاڪ سدا،

سي ڏگ ڏٺي ھن ڌرتيءَ جا، تن ڏوپارن جي ڌاڪ سدا،

سي وارو واھر وانگين جا، ۽ ويرين وجھندا ونگ ھئا.

ڪڏھن رم جھم رم جھم رات ھئي، ۽ ھيرن موتين تات ھتي،

ڪڏھن برھ بياني بات ھتي، لک لاکيٽي ھر لات ھتي،

ڪڏھن ورھ جون وايون وات ھتي، ٿي برھ وني برسات ھتي،

ڪڏھن جوڌا جاني جاءِ انھيءَ تي، جوتي بيٺا جنگ ھئا.

ڪڏھن چوڌاري ھت چس ھئا، ۽ وانگي پنھنجي وس ھئا،

ڪڏھن گھوڙن گھوٽن گس ھيا، ۽ ڏِس ڏِس تن جا ڏَس ھئا،

سي قلب نہ رکندا ڪَس ھئا، ۽ جيءَ سان چوندا جس ھئا،

ڪڏھن تاڪُن ڪي تڪبير وجھڻ لئہ، تٻا تازين تنگ ھئا.

ھن ڌرتي ڌنڌا ڌار ھئا، ھت ٻاگھين رھندا ٻار ھئا،

Gul Hayat Institute

جي دشمن لئہ تلوار هئا، ۽ يارن جا سي يار هئا،
هت هنسا پڻ هزار هئا، سي مانجهي مٽيادار هئا،
هت راڻا سوڍا رهواسي ڪئين، ارڏا پڻ اڙٻنگ هئا.

هت شاهہ وڏا شهزور هئا، ڪي "منشي" مانجهي مور هئا،
سي اپرن عاجز اُهڪن جي نت، پاڻ ڪندا پرگهور هئا،
هر ڌارئين ڪي هئا ڌوڙ ڪندا، هت ڊنگ دلين دور هئا،
تير تراريون پالا تن وٽ، ڍال ٻَڌڻ جا ڍنگ هئا.

Gul Hayat Institute

# دوها

Gul Hayat Institute

هر هڪ روح جي لاءِ رحمت، هاري ۽ مزدور جي محنت،

پاڻ پتوڙي لُنڊيون لتوڙي، جوڙي جڳ جي لاءِ جنت.

Gul Hayat Institute

*

بيشڪ باني ملڪ سڄي جا، هاري ۽ مزدور ٿئي،
اٺو لٺو ڪن اڃهو بہ پيدا، سهسين ڪائن سُور ٿئي.

ايئرڪنڊيشنن بنگلن توڙي، محلاتن جو ورتم واس،
ذري ذري تي مزدورن جي، ماس سندي ٿي آيم باس.

پورهيت پنهنجو پگهر وهائي، ساري جڳ ۾ جوت جلائي،
ڪير ڪمائي ڪير ٿو کائي، هِت سا ريت نرالي آهي.

هاري بر ۾ باغ بنائي، هن جي محنت هرڪو کائي،
رت ولوڙي جڳ کي جوڙي، جهڙس جڳ ۾ ٻيو ڪو ناهي.

هر هڪ روح لاءِ رحمت، هاري ۽ مزدور جي محنت،
پاڻ پتوڙي لُنديون لتوڙي، جوڙي جڳ لاءِ جنت.

Gul Hayat Institute

راتو ڏينهان ميهان نيهان، دل ۾ تن کي ڪم جو غم،

ملڪ جي لئہ مزدور ۽ هاري، ”منشي“ آچي هڏ و چم.

Gul Hayat Institute

*

منهنجي سيني سنڌ وطن جي، سانگيئڙن جا سُور سوين،
پورهيتن کي پچندي ڏسندي، پلپل جاڳ پور سوين.

ڪنهن جا ڪُتا روز پيئن ٿا، ميها مٽين مُنهن ڪيرالا،
جهڻ ڦڙي لئہ جهوتون ڏيندي، جهانگيئڙن پيا جهيرالا.

ريسن ڪيسن رئيس هزارين، روز لُٽائن لک الا،
لوءِ منهنجي ۾ لکين ماڻهو، بک جو ٿي ويا بَک الا.

بيڪارن کي بنگلا ڪارون، پورهيت هتڙي پيٽ بکيا،
چانپ اُتر ۾ لگ اگها ڙا، ٽڙڪن مارو ڏيل ڏکيا.

رهزن رهبر روز پيئن هت، رهواسين جو رت الا،

Gul Hayat Institute

چورن چوسي آهي چڪايو، سانگيئڙن جو سَت الا.

مرنداسين پر ”منشي“ پنهنجي؛ وانگيئڙن جا وير وٺي،

پيتو جن پاءِ پورهيتن جو، تن کان سولو سير وٺي.

Gul Hayat Institute

*

سڏ سنڌوءَ جو سڻندي ئي، سر گهوري ويا سر گهوري ويا،
قومِ جي ڪارڻ ڪوپا پنهنجا، ڪنڌ ڪلهن کان ڪوري ويا.

ٻاڙها ڳيرو سينڌ سنڌوءَ ۾، سورهه ويا سندور ڀري،
ڏيهه ڏياٽيون ٻاري ويا، ٻي نور اکين ۾ نور ڀري.

ناز نپايل ڪلها ڪونڌر، لال لهوءَ ۾ لال ٿيا؛
مانجهيئڙا ڏيئي مان مٽيءَ کي، ملڪن لاءِ مثال ٿيا.

ڳجندي ڳُڙندي ڳرز ۽ گوليون، سورهه سيني سهندي ويا،
ڏوڙ ڪنداسون ڌارين کي هن، ڌرتيءَ تان اِئين چوندي ويا.

ٻاٽ اونداهي ۾ ويا ٻاري، لال لهوءَ سان لاٽ هتي،
ڳهاٽ ڳهٽا گهنگهور منجهان ويا، وانگين ڏيئي واٽ هتي.

Gul Hayat Institute

آهن اڄ اوسار اُنهن جا، ڪيٽي بندر ڪان ڪشمور،
موت کي ماري مات ڪري ويا، مرد مجاهد مانجهي مور.

گهور وڃان تن گهوٽن تان جي، سنڌ مٿان سِر گهوري ويا،
چئني طرفن چٽڪن پريل، چنگ چڱيرو چوري ويا.

ننگي پنهنجو ننگ سڄاڻي، ناتو نينهن نڀائي ويا،
محڪم محبت سان هو "منشي"، جڳ جي جوت جلائي ويا.

Gul Hayat Institute

*

هن نگريءَ کي نگري جي، بيماري چوڌاري ڙي،
مسڪينن جو ماس پيو کامي، ظلم هتي ڪئين زاري ڙي.

سانگين سِر تي سور سوين ٿا، ڏين سياسي ساندا هتي،
ماروئڙن جي ماس مٿان آهن، آڪرا پابرا ٿاندا هتي.

ويس ڍڪي موسيٰ جو البت، آيا هتي ابليس وري،
آڙ وٺي اسلام سندي سي، ڪرڻ گهرن ٿا ڪيس وري.

هن جي سياست پيٽ جي پوڄا، هن جي زبان ۾ زهر الا،
ڪير پڇي ۽ ڪير سڻي هي، ڪيسين هلندا قهر الا.

رهبر مَنجي رهزن ٿي پيا، راهگيرن جي نه راهه رهي،
هٿ ۾ قرآن ڪڇ ۾ ڪاتي، ڪنهن نه خبر هي ڪيئن وهي.

Gul Hayat Institute

داد رسيءَ لئہ داهون نہ ڪريو، درد وندا بيداد هتي،
ڪير نہ ٻڌندو، ڪير نہ سُڻندو، ڪنهن جو ڪو فرياد هتي.

لُهوءَ اوهانجو لوپين لُڇن، ساندين ڪي آهي سيباڻو،
هلو هلون ڪنهن بي نگريءَ ۾، ڏيه ڇڏي هي ڏاڏاڻو.

”منشي“ هتي مجبوري آهي، پوري جنهن تي سوري ڙي،
ڏاڍو گابو هن نگريءَ ۾، دوست هتي دستوري ڙي.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

هاري تنهنجا هٿ، ڇُهان ڪهڙي ڇَپ سان،

تون ته اُهائي وَٽ، جنهن ۾ ساهه سنسار جو...!!

Gul Hayat Institute

# شهيد صادق هاري

سورهه صادق سنڌ جا، مانجهي مزاري،
ريج ڏيئي تو رت سان، ڪئي منٿي موچاري،
جيجل ساڻ جوان تو، پوري پت پاري،
ڳاهون ڳائن پيا ڳوٺن ۾، تنهنجون هاري ناري؛
سامهون سنئين سيني ۾، گوليون گرناري،
تو ٻارڻ ڏيئي ٻاري، سا ورهه ڪين وسامندي.....!!

سا ورهه ڪانه وسامندي، جا جوٽي وئين تون جنگ،
عضوا آڇي امڙ کي، وئين نينهن نڀائي ننگ،
رت نه ويندو رائگان، هي راڻا لاهيندو رنگ،
دشمن ڏين داد تو، تون دليريءَ ۾ دنگ،
ڏاڍن جا هن ڏيهه ۾، ڏوٿين سنا ڏنگ،
وانگيئڙن تان ونگ، ڪڏهن لهندا ڦهر جا.....!!

Gul Hayat Institute

پُرين ڪان جنهن پٽ تي، منهنجا ڏوٿي ڏاڏاٽا،
پرين ڪان جنهن پٽ تي، منهنجا نوري ناناٽا،
پرين ڪان جهٽ پٽ تي، منهنجا مرڪن مهاٽا،
پرين ڪان جنهن پٽ تي، منهنجا سانگي سياٽا،
اڏيل اباڻن جا، جتي جهوپا ڪڪاٽا،
سيني ۾ سي صادق ڪي، سدا سيباٽا،
ڌارين جا تنهن ڌرتيءَ تي، اچي پير پيا پاٽا،
حق نه ملي هارپ جو، ٿيا وينل ويڳاٽا،
داروءَ جا داٽا، ڏُکي پيا ڪنهن دل ۾.....!!

هاڻي هن عوامي، بُڌ حڪومت جا حال،
بوري اچي زوري ڪيا، هت جابر ڪئين جنجال،
ڪُڻ ڪمدار ڪامورا، تنهن لبي ڪيا لال،
ڪمون جهڙا ڪري پيا، ڪي پڪل پا ڙيا پال،
چنڙ صوبيدار ڪئي، چمچن واري چال،

Gul Hayat Institute

لڏي وڃو هن لوءِ مان، اهنجي مهاڻا ڇا مجال،
ڳاريون گوليون گگدامن تي، ٻيا ظلم لازوال،
ڪيا بندوقن ٻتال، ڌوٽي پنهنجي ڌيهه ۾.....!!

ڌوٽي پنهنجي ڌيهه ۾، ڌَڪن ءِ ڌُسڪن،
ڌهڪاءُ ڏسيو ڏاڍن جا، جهانگيئڙا جهڄن،
ٻاهيون لڳيون پڙڪاٽ ٿيا، جهوپا ٿا جلن،
ڪارا ڪڪر ڇانئيا، ڪيون ٻاڪارون ٻارن،
ڦهر ٿيو ڪيڏاهن وڃون، ڪيون وايون وانگيئڙن،
انگ اگهاڙا پيٽ بکيا، سانگيئڙا سهڪن،
اندر جن جا آڳ ۾، ٿاندن جيئن ٺهڪن،
هڪڙا ملوڪ ماريا، ٻيا ٿيا قيد وڃن،
ماڻهو نه رهيو ملاحن مان، جن جون وهون واڪا ڪن،
ليڙون لٽا، ڇڙيل ڇتا، پنڊ پاڪ ڏين،
سم ناليءَ تي سوڍيون، ويٺيون ويچارين،
پيٽ بکون ڌرتي هند ۾، اوچڙ اُپ اٿن،

Gul Hayat Institute

سي جاني ويا سپ جيل ۾، جي آڏين ۽ چاڙهين،
”منشي“ ما روئڙن، سهم سنا ڪئين سنڌ ۾.....!!

سُهم سنا ڪئين سنڌ ۾، آيل اباڻن،
معتبر هن ملڪ جا، تماشايون ڪن،
وڏيرا هن وانگين ڪان، رڳو ووٽ وٺن،
مير، پير، معتبر، ڪُرسي لاءِ ڪڙهن،
اڇي ڪو انصاف لئہ، ڳاريون جام ملن،
شاباس هڪڙي شاديءَ کي، جنهن ڪئي مدد ما روئڙن،
مدد عيوض تنهن کي، ڏسڻا جيل پون،
سوار صوبيدار ٿيا، ماڻهون جي مارين،
پروموشن پڪ ملي، مارو جي مارين،
سوار، صوبيدار، ايس پي، سپ پائر پيچ رهن،
ڦهار ڪامورا ڪني سپ، ناٽي ڏاڻهن ٿمن،
وري هاٽي ووٽن لئہ، پيا وڏيرا وڙڪن،
پڇيو نہ ڪنهن پير پري، ڏک ۾ ڏوٿيڙن،

Gul Hayat Institute

'منشي' شال مرن، اهڙا موذي ملڪ مان....!!

مرن موذي ملڪ مان، جن جي من نه مرم،
ڪڙهن سدا ڪرسيءَ لئه، وڏا بي شرم،
سدا پوڄاري پيٽ جا، نه ڪو دين ڌرم،
دغا دولاب دل ۾، ڪوڙا ڪڻن قسم،
ڪڇ قرآن، پنج پُٽ، بيا هڙيئي ياد حرم،
ٿندڻ ٽوپي، لاهن لوپي، ڳالهيون ڪن نرم،
ڪم ڪڍيو ڪنگالن مان، پوءِ ڳُتا ڪن گرم،
اهڙا بي شرم، هاڻي قائم رهندا ڪين ڪي....!!

قائم رهندا ڪين ڪي. اهي ڪوڙ مٺيءَ جا ڪوٽ،
مري مري ما روئڙن، مانجهين ڪاڏي موٽ،
ڏوڙ ڪنداسون ڏاڙيلن کي، نيٺ نه چڙهي چوٽ،
سانگي ٻَڌي سندرا، کِڙي ٿيو ڳوٺ،
سانگيئڙا جي سورن ۾، سُڪي ٿيا سوٺ،
اڇو انهن اوٺ، ڏاڍن کي ڏاري وجهون....!!

Gul Hayat Institute

❃

## هاري تنهنجا هٿ، ڇُمان کهڙي چپ سان،
## تون تہ اُها ئي وٿ، جنهن ۾ ساهہ سنسار جو....!!

هاري تنهنجي هڙ، آهي ويريءَ وات ۾،
ڪن ڪهاڙي ڪڙ، پنيان پير پليت جو....!!

هاري تنهنجا هٿ، ڪسر هيري 'ڪوهنور' کان،
تون ئي ساهہ سنسار جو، تون تان وڏي وَٿ،
پر ٻپهري لئہ ٻٿ، ڪائيندي تون کپي وئين....!!

هاري هڻ مَ هٿ، ڪش ڪهاڙي ڪنڌ ۾،
ويري وِچ وري ويا ، وڏا ڪائي وٿ،
اهڙي سنئين سَٽ، جو مٽڪي کان مٿي وجي....!!

Gul Hayat Institute

وِڏي وڏيري ، اک تنهنجي اَن ۾،

ڪش ڪهاڙي ڪنڌ ۾، وجھ ڪانئر ڪي ڪيري،

سنگ سپيئي سيري، گهوٽ ڪٽي رک گهر ۾....!!

ڏاڍن جا ڏڪا، ڏيهاڙي ڏبرن مٿي،

هوڪا هٽي حق لئہ، نہ ڏي لوڪ لڪا،

پورهيت پنوهارن جا، پوڄيو پوڄ پڪا،

ويرين جا وڪا، پيو ڪر تون پڌرا....!!

Gul Hayat Institute

❀

ڀُلجي ڌاريئَي ڀولڙا، ڏيڏ مٿا ڏڦير،
ووڪو بنا ڌير، پنجين پاٽئين پڌرو...!!

ويهون وڏيرن جون، وريون وفاقي،
پَنو هي پنجاب جا ، ڪمائي پاڪي،
سِڪڻا ٿي ساقي، پيارين پراين کي...!!

ور ڏيو وڙهيو وجن، وردين سان ويري،
پنهنجا ئي ٿيا پاڻ سان، پيري ڪپيري،
مارن لئه ميري، انهن اک ازل کان...!!

Gul Hayat Institute

وجهو وجهو واجهه، وڏيرا وانگين مٿي،
ڪڏهن ايندي ڪانه ڪا ، ٻاٻاڻن تي ٻاجهه،
ڪونه جيئندا جاجهه، قوم ڪيرائين ڪُن ۾...!!

ڪيڏي جهل جهروڪ، حُجرن حويلين ۾،
لڪي لڪي ڪانہ ڪا، لوڪ آ منهنجو موڪ،
رت روئا ري رات ڪي، ڏينهن هٽي پيو ڏوڪ،
هاڻ تہ لعنت طوق، ڪيڍ وڏيرا ڪنڌ مان...!!

چوري چنڙي هيٺ، پرت پري پئي پورڙي،
ماڙيءَ مٿان سيٺ، تڪي تاڪائو ٿيو...!!

Gul Hayat Institute

❀

واڳو وات وفاق، ڪيئن ڳِهي پيو قوم کي،
ساري چٽي سنڌ تي، خنزيرن خوراڪ،
ٿاتو نيا ڏيئي ٿاڪ، ڪڏهن لهندي قوم هي...!!

ڪن ڪيائون ڪين ڪي، حقيقي هُوڪون،
سڪٽيون ساندي جيان، ڦڪيون جي ڦوڪون،
ڪوڙيون جت ڪوڪون، پلجي اُت پيڙا ٿيا...!!

رهواسين کي روڳ، ڏها ڙي ڏيرو ڪري،
رس وفاقي وات ۾، ڦٽو ڪيائون ڦوڳ،
ڪيڏا ڪوندر قوم جا، ديڳين چڙهيا دوڳ،
پاڳيا پائن پوڳ، سوڙهي ٿئي پئي سنڌ ڙي...!!

ڪونه ڳڌيو ڪنهن کي، ڪنهن نه ڪنهن جي ڳل،

Gul Hayat Institute

اڇي پڌري ڪوڙ تي، گهوڙا هيڏي ڳل،
پٽيو پئي پار ڪڍي، سنڌو سيني سل،
ڍولڻ اها ڊل، ڪڏهن لهندي قوم تان...!!

ڪيسين پيو پچندين، ٿي ڪبابي سيخ،
ماڻهون ويا مريخ، تون اتي پيو اوجهرين...!!

ڪيڏي سونهن سرير ۾، ڪيڏو حرص هبڳاءُ،
ٻاڪاري اڄ ٻَڪر جيئن، ٻن ٻارن ماءُ،
جاڳڻ جوءَ جڳاءُ، سمهڻ ويندي سڌ ڙي...!!

جاڳو او جاڳو، اڃان ڏيو اکين کي،
سنڌوءَ ورتو سور جو، ڏونئري ڏينهن ڏاڳو،
سورن جو ساڳو، وڌندو اڇي ويڙهه ۾...!!

سڌي ۽ سڌڪا پري، نرن ۽ نارين،

Gul Hayat Institute

هٿ ڪٽيو هڪلون ڪري، هاڪاري هارين،
مون ڪي ٿا مارين، پاپي پنجوڙن ۾...!!

ورو ورو وارثو، ٿيو ولهيءَ جا وارث،
هٽي پئي هائي ۾، اوهان جي آرس،
جي پاڻ ٿيو پارس، ته سون سموري سنڌ ڙي...!!

پدمڻيءَ جي پير ۾، پارس ئي پارس،
مَنهان ماڙيون ٿي پون، جي ولهيءَ ٿيو وارث،
ڪهڙو آهي ڪس، جي ڪڻان قرباني ڏيو...!!

پدمڻي اک کڻي، جيڏانهن نهاري،
هر جاءِ هلي هوڪ ٿي، هيرا پئي هاري،
ٻيا ء ٻهاري، کڻي ڪاهڙ مان ويا...!!

پدمڻي، ڪنهن جڻي، ڪنهن جو آهي ويا ء
پاڻ ڪريو پانهنجو، نيرو نِيا ء

Gul Hayat Institute

سيا سنگيڙان ٿيا ، سنگيڙان سيا ،

عجب هي انياء ، پدمڻيءَ جي پد سان...!!

پدمڻي واھ وڻي، تنھنجيءَ اک اٽي،

پنھنجين پراين، پاپين، ڦيرائي ڦٽي،

ڏٺي ٿين ڏٺي، تہ سيج سرهي ماٽين...!!

Gul Hayat Institute

هڪڙو پڌرو پيٽ ۾، ٻيو ڪولهڻ ڪُج تي ٻار،
ڪانڌ ڪاريءَ ڪکيو، بستر تي بيمار،
ٿڃي پيٽ پرڻ لئه، نايو ڏونئرن ڏار،
ويڙهي ويا ويچار، ويچاريءَ وجود کي...!!

ڪولهڻ ڪانبو ڪنڌ ۾، ونجهلي ور جي ڪاڻ،
ڪارا ڪوجها ٻارڙا، تن جي ٽاٽو تاڻ،
مٿ وڍي پار ڪڍي، من وڍي ماڻدان،
ڌرو زهر اماڻ، ته پيڙي ٿيان پڳوان کي...!!

پس پوڙهي مڙس جو، پورهيو منجهه پگهر،
ڪوڏر ساڻ ڪڙيي جا، ڏمريو ڪڍي ڏر،
رت روئاري راج ٿو، وڏيريءَ جو ور،
هاريءَ ساڻ حشر، ڪيڏو آهي قوم ۾...!!

لاهيا رو لائي چٽي، سڄي پيو سيري،

Gul Hayat Institute

هاري پريان هٿ ٻڌيو، اکيون پيو ڦيري،
چر وڏي ڄيري، پر هئي هئي آهي هيڪلو...!!

ڳرڳ هر هڪ ڳام ۾، وڏيرو ويري،
صدين کان سانگين لئہ، جنهن جي دل ميري،
اهو ڪندو ڪُک جو، ڍول ڪيو ڍيري،
هيري ۽ ڦيري، هميشه جنهن هٿ ۾...!!

Gul Hayat Institute

ڌونئري ڏينهن ڏاڙو، لڳو ڪيڏو لوءِ مان،
رهيو ڪچا ڙو، جهانگين جهڳا جهڙ ٿيا ...!!

ڏکو ڏيکاري، ڌونئري ڏينهن ڏاڙا هٽي،
هٽين نٿو هٿ وجهي، واري سان واري،
گهنگهر ۾ گهاري، ڪيسين جيئندين جيئڙا ...!!

گوڙون گجگوڙون، گوڙن تي گوڙون،
ڪڏهن ڪڪر لاهيندو، سانگين تان سوڙون،
مانجهين منهن موڙون، ڀڪي ڀڏنديون ڀاڳيون....!!

رات نه آئي راس، ٻاڪ ٻکندي ڪڏهين،
ڪارون ڪريو ڪڪر ڪي، ڪوڪي ڪاليداس،
پکن جي پياس، لهندي ڪڏهن لوءِ مان....!!

سنڌ ۽ فلسطين، اکر ٻئي هيڪڙو،

Gul Hayat Institute

هُت يهودي پڌرا، هِت منهن ۾ مسلمين،
دل ۾ ٻنهي جي دين، هڪڙو آهي هوبهو...!!

لڳم ڪِلَّ ڪپار ۾، جيئڻ مون لئہ جلّ،
سورن سانگين جي ڪيا، سيني سوين سل،
پلا پاڳين پل، پيليا ڏسيو پور ٿيان...!!

سون مياڻي سوجهرو، ٻيڙي ٻيڙي لاٽ،
جيئن چير چمڪي پير ۾، تيئن چولين جا چمڪاٽ،
پريو پاتوندر پاٽ، گذر ڪن گانگين...!!

Gul Hayat Institute

رت روئي ٿي سنڌ جي، پومي ۽ پاشا،
شهرن مٿان شمشان ٿي، لٿا اڄي لاشا،
کلن پيا ڪاشا، ووٽ وٺي ويري ٿيا،

پاشا ۽ پومي، منڊيءَ ناهي مال،
وڪجي جا واڪن ۾، موران ڪنهن نه مجال،
پاڳيا جاڳيا پونءِ جا، پونءِ مٿي پونچال،
انبوه اسلام آباد ۾، دنيا جا دلال،
شرم اچئي شال، جيئن امڙ کي آڇي رکين....!!

ويئي وسائي وانگين، منڊي ڪڪري مينهن،
پنل ڪل سڪاڻ لئه، چنڊي اٿيا شينهن،
اهڙا راتيون ڏينهن، ڪيئي آيا قوم تي....!!

ڏاڍا آيا ڏينهن، ڏکيا پنهنجي ڏيهه تي،
والي وار وطن تي، ميڙاڪي جا مينهن،

Gul Hayat Institute

وري جيئن جو تيئن، اباڻا آجا ڌسان...!!
ڏاريا ڏيئي ڏوڻ، پڪا پير پٽي ويا،
پنوهارن پٽيءَ تي، اُها ڪچن ڳوڻ،
هينئڙو ڏسي حالتون، پيو ٿي پروڻ،
اها اٿي لوڻ، ورچ ملي وانگين...!!

ووءِ ووءِ جا واڪا، اُڀرا اچن،
هاڻو پيا هٽن، ڏاڙو ڏنا رن جو...!!

Gul Hayat Institute

روئي رني ڪوٽ، ڊانهن ڏني درياهه کي،
ٻاٻاڻ جا ٻُوٽ، ڳُجهين ڳجهن وات ۾،

مهراڻا ٿئي موٽ، تہ روءِ نہ رني ڪوٽ،
اجان منهنجي اوٽ، ڪئين دودا ديس جا...!!

دودا منهنجي ديس ۾ ڪئين، هي آ دودن ديس،
جڏهن هڙيئي هڪ ٿي، ورندا ڪري ويس،
مري ويندي ميسَ، ڏارين ڏاڙيلن جي...!!

موهن دڙي مورتيون، ساک سنڌوءَ جي سونهن،
ويو وقت وماس ۾، وانگي منجهه ورونهہ،
هاڻي در در دونهن، دکي ديس وندن لئہ...!!

ڌرتي ڏني دانهن اڄ، ٻاڙهيندي ڳوڙها،
ڌؤر دراوڙ قوم جا، دل تي پيس دوڙا،

Gul Hayat Institute

ٻاڏائي ٻانهون ڪٽيو، ٻڌين نٿو ٻوڙا،
ڳهلون ڳهر ڳهر آئيون، ڳهوڙا ڙڃي ڳهوڙا،
سانگيئڙا سپ سميم ۾، سڪي ٿيا سوڙها،
ڦاسيون ۾ ڪوڙا، ڪيسين رهندا قوم تي...!!

ٻوڙن ٻڌي ڪانه ڪا، سندي امڙ آنهه،
سندي دردن دانهن، ٻيلا ٻرائي ويئي.....!!

ڪاري تڙ تان ڪونجڙيون، ڪرڪي مٿيون ڪالهه،
پلر نه پسي پٽ تي، لڙڪ وهائيون لال،
سُک نه سنڌوءَ سال، چاليهن ڪان چڙهي ويا.....!!

ڪونج پانيا ڪک، ماريءَ جي مانداڻ کي،
پوپٽ جهڙا پک، ڦاسندي ڦوندا ٿيا...!!

Gul Hayat Institute

ڪونج وڏي ويئي موبجهه، ٻاڪاري ٻچن لئه،
جيئن ڪوڪن نه ڪونج، چڪي ۾ چيتيون ڪري...!!

مٺي ماٺوءَ تيل، هينان ڌرتيءَ تيل،
گهاٽي ڪئين گهمائيا، هت بلاول هيل،
رت رتا رابيل، رتا جن جي رت مان....!!

گهٽي گهاٽي پيڙ، آهي عام عوام تي،
ڪنجهي ٿي ڪرڪي ٿي، هي هي هيڏي ريڙ،
لڳن ليڙون ليڙ، ڏسيو ڏيل ڏڪيو وڃي.....!!

جيئڻ تو نه جڳاءِ، پڃري منجهه پکيئڙا،
وڻ وڻ واس وڻن جو، هيئن تو هڳاءُ،
آءُ اڏامي آءُ، سگهو پکي سٺ سان....!!

Gul Hayat Institute

ڪوٽ ڏجي مان ڪوڪ ٿي، رني ڪوٽ مان رڙ،
وڪامن پيا واڪ ۾، وانگيئڙن جا وڙ،
جهانگين جهڳا جهڻ ٿيا، ڪوٽ نه قلعو ڪڙ،
وينا آهن وفاق لئه، در در لاهيو دڙ،

ڏکَها نَڪ نرڙين ڪان، پاڙيائيءَ ۾ پڙ،
جيڪر اها جڙ، پٽجي ته پاڪائي ٿئي....!!

Gul Hayat Institute

اڄ واچوڙئي وچّ، پاڙان وڻ اکيڙيا،
ڌرتي ڏٻي ڌونس ٿي، ياد آيس ٿڇ،
پيري پيري پڇ، ٽوڙيو ٽار جدا ڪري...!!

متان پانيو مينهن، وسي اڄ اوڪاٽيو،
اڃان اُٿلون انديون، ڏاڍا ٽپندا ڏينهن،
شيخون ٽوڙي شينهن، گُڙي ايندا گوڙ سان...!!

ڪانگن ۾ ڪران وران، هٿ گولي ڪنهن غليل،
ڪڏهن ٿيو ڪين ڪي، هي جو هاجو هيل،
آکيرا اُکوڙي، رهيا وڃي ريل،
ٻچا ڪٽي ٻيل، نوان اڏيئون نجهرا...!!

Gul Hayat Institute

پاڻيءَ مٿي ڦونڙا، نهن ۾ ڍهن،
ماڻهون ائين رهن، دوکي جي دنيا مٿي...!!

جاڳائي ويو جوانڙو، گوريءَ کي گناھ،

سرڪ ڦاهي ساھ، چا رئي پهر چتا ڪري...!!

Gul Hayat Institute

❀

ٽڙ ٽان چورا ٽڙ، هي ڪورم ڪنهن جا گڏيا،
لوڻن لڳ ليڙا ڪيا، ڏُٻي پيو مون ڏڙ،
مون پنهنجا ڪين پيا ريا، تون ڪرين ويرين تي پيو وڙ،
هِڪل پيا هڙ، آئون پنهنجا پيا ري وڻان....!!

چوري ويا چري، سارا سيڙها سانگ جا،
ويئي پُون پڙپانگ ٿي، جا هميشه هري،
ٽڙي ڪڏو تر مان، نہ تہ ٿيندي ڳالھ ڳري،
پئو ماڳ مري، پر- ڦُر نہ ڦِرڻ ڇڏيو....!!

مِڙ ڏيئي ڪڏو مڙ، ڪا پونچا ٿيل پاسي نہ رهي،
ڪائي ڪل سائي ڪندي، پوءِ نہ ڇڏيندي پڙ،
ٺلھ تي ٿيندي ٺِڙ، هي آهي ذات حرامڙي....!!

Gul Hayat Institute

ڏاڍا سهي ڏنپ، ڪا جا ڪٺڪي ڪامٽي،
نه ڪا رڙ نه رنپ، پوڻ پوٺا ڙا چڙهيا.....!!

ڏيهان ڏينهن آ ڏيهه ۾، امن جي اٿاٿ،
سوئر سوين سنڌ ۾، ڏاڍ هيرايئون ڏاٺ،
مون کي ماريو ماٺ، مياڻ ما روئڙن جي.....!!

سنٽرل جيل سڌي، سنڌ جي سپوتن کي،
سانگو ساهه چڏي، اچو نه ڪوٺ ڪنبائيون....!!

ٻمن پيرن ۾ ڪيا، ڳجهن آ ڪيرا،
تڙجي تتر تا ڙا ويا، ڳُڙ پريا ڳيرا،
وس نه واهيرا، وسن وارڻ جا ...!!

Gul Hayat Institute

ڀتا رن جي ڀرم جو، ڀاڳيا ٽين کي ڀؤ،
ڪنا ڪُريت ڪامٽيون، ڪن سدائين ڪؤ،

اوڏي ريٿو رئو، لڄ بچائڻ لوءِ جي...!!

ڇگُي سا ڇُني، جنهن ۾ ستر سانگين،

جنهن ريبيو روح ريشم ڏي، سا ئي رت رُني،

تنهن نه پَت پُني، جنهن اپوئين سان عيش ڪيا....!!

اڍيون هو اٺموٺ، منهنجو ور وريتيون،

وڙهندي مُئو ويڙهه ۾، جوءَ ڪنٿو ڇئي جوٺ،

گهوڙا اهڙو گهوٽ؛ ڪنهن نصيباڻيءَ نصيب ٿئي....!!

لکي لاڪيڻي، جهندو پاڙو مون ڏنو،

مرڻ جيئڻ منهنجو، آهي ان پيڻي،

ڪر چيتيون سان چيڻي، ته به بولي بي نه بوليان...!!

Gul Hayat Institute

واسي چندن واس، پوتيي تو پوتي ڪئي؛

اهڙي ڪيئن تو زندگي، روح آئي راس،

لوئي ڪاله ڪتي رکي، ڏوٿين منجهان ڏاس،

پاءِ تہ ٿئين پناس، چنين چٽيءَ ورائين....!!

راڻي سان ويهي رم، چيٻگري چڙ چانگرا،

ڪونہ ايندئي ڪم، جنهن سيتل لئہ سينڌون ڪرين...!!

نڪ گدري ڦار، ٻاڙها ٽماٽا ڳل ٻئي،

چيلهہ چيلاٽي جهڙي، لڏي لچڪيدار،

ٻچي پکي نيرڳي، جنهن ۾ موتي مٽيادار،

ڪڙي بيني ڪوهہ تي، چوري چمڪيدار،

ڪُهي ٿي ڪجلين سان، سورهہ ڪئين سالار؛

ائين نہ مسافر مار، متان راڙو ڪو ريي وڃي.....!!

واسي چندن وار، چوٽا ڪيئي چوسرا،

سينڌ سُرما سانوري، سورهن ٻيا سينگار،

اڄ بہ ڪئين ڪاڪ ۾، ٿيندا شاهہ شڪار،

ڪوڙين ڪلنگيدار، مرندا تنهنجي مُرڪ سان...!!

Gul Hayat Institute

ڪاهي آيا ڪاڪ تي، چورا نئين چاٽ،

پورا جنين پرڪيا، سندا ناتر ناٽ،

دوڪا تنهن دنگ ٿيا، وارث رسيا واٽ،

ٿيندو ڪاڪ ڪڙهاٽ، موڪل ملندي مالڪين....!!

ڦندو ڦاسي گهاٽ، مرڪي پائج مينڌرا،

ڪنڌ جنين هٿ ڪاٽ، سي پورل پلي هن پونءَ جا ....!!

Gul Hayat Institute

سئو ورهن جي سِرڻ ۽، ڪروڙ ورهن جو ڪانگ،
پکي پيدا نہ هئا، نہ ڪو هئڙو نانگ،
سنڌ تي سانگين سانگ، اِنهان گهڻو اڳي هئا....!!

ڪالھ اسان تي ڪاوڙيو، ڪاٺياواڙي سيٺ،
ماضي جيان مزدور جو، هٿ نہ هاٺي هيٺ،
اهي سيٺ نڌورا نيٺ، وڳ سان ويندا واڳجي....!!

ڪتابي ۽ ڪاهوڙي، ڳنڍين تان ڳنڍجن،
هو رهيا ٿي روھ ۾، هي شاهي منجھ شهرن،
سنڌوءَ ساڻ سمن، ٻنهي ٻڌو ٻانگ سان....!!

توکي جس 'جساف' ويرين سان وڙهندي اچين،
پڇيو وجن پر وٺيو، لوفر هڻيو لاف،
مور نہ ڪندي معاف، تنين کي تاريخ ڪا....!!

Gul Hayat Institute

هوشو هاڪاري، چيو اچي انگريز کي،
پل مونکي وجهه ماري، پر سُک نه وهندين سنڌ ۾.....!!

چاسينگر چائين، ٻت ٻچائين ٻاهه کان،
اڄان تون آهين، ڪچي رچ ڪنپار جيان.....!!

Gul Hayat Institute

ڊُبي مڇي سمنڊ ڪي، چا چا چاچولي،
ڏيڏر ٿانء ٿانء ڍنڍ ۾، سپيون پيو ڳولي،
ملان ڪي مسيت ۾، لڪايو لولي،
راڄ ڪئين رولي، چتي ڪتي چڏيا ...!!

ملان مروڙ ماس، ڪايو هٽي ڪونگهرا،
ڏيکاري پيو ڏيهه ڪي، ڏاڙهي ٻوڙو ڏاس،
باسي آيو ٻاس، ته سؤ ڪوهه رهندس سچ کان...!!

ملين ڏاڙهيءَ منجهه، آکيرو ابليس جو،
ڏيهه سڄي لئه ڏنجهه، ويري اِن وجود آ.....!!

پيشو پيش امام، واحد ڪنا وانجهيو،
مُلين مُنهن مزو ڏنو، هڏو جو حرام،
شرم صبح شام، هو تڙيو ڪڍي تن مان...!!

Gul Hayat Institute

مولوي معراج، پنجئي وقت پاڻ سين،
طمع سندو تاج، مٿي رکي محراب ۾...!!

ملن سندي من ۾، ڪينو مرض ڪوڙهه،
آچون اوپاري جون ڪري، پاڻ وجي پيو لوڙهه،
نَو نريون نوڙ، ٻڌيو پيو ٻانگون ڏي...!!

چڪيو ڇهري چپ سان، ملن مروُ ماس،
رکي سکي رب جي، روح نہ آيس راس،
ٻينائي جي ٻاس، انڌي آئي ڪانہ ڪا ....!!

Gul Hayat Institute

پائيوار رو پت، اوٻاري ۾ اکيون،
ڪڏي ڇڏ قلب مان، ايءَ گذارڻ گت،
اسان کي اُڇت، ماني مڙسيءَ جي کپي....!!

ٿر ۾ ٺاريلين جي، ٺَر ٺرا هت،
وٺي سندي وٺ ويو، ڪنهُ ڪري ڪٺ،
گهر گهر گهڙا مٺ، سڪي سوڪارا ٿيا....!!

وانگين تان وري ويون، ويرين جو وِيرون،
جهُري جُهوپن جهور ٿيا، جهيرن تي جهيرون،
جن ڏٺين ڏيرون، سيئي قاتل قوم جا....!!

ڪالهه ڪلاچيءَ ڪن جا: واڳوءَ واڍوڙيا،
مورڙي جي ماڳ ۾، ڇتا ڪنهن ڇوڙيا،
رت پيئڻ لئه رستن تي، ڊهون هٽي ڊوڙيا،

Gul Hayat Institute

وڏيرن ٽوڙيا، پيئند انهن جي پير جا...!!

واڍوڙيا وتن، مرؤن شهر وچ ۾،

وهي پيو واڇن مان، رتو رت سندن،

ڪئين پيا ڪوند ڪُسن، ڳپرو پنهنجي ڳوٺ جا...!!

هي مت موڙها مورهين، مٿيءَ جا ماري،

هي آهن قومي رت جا، وڏا واپاري،

قيام ڪري ڪاري، پورب ڪان پهتا هتي....!!

پناهگير پريت، پلجي ڪن نہ پونءَ سان،

جنهن هي ٻج ٻنيءَ وڌو، تنهن جو گهر مسيت،

هاڻي جيئڻ جيت، سر گهري ٿي سنڌيو...!!

Gul Hayat Institute

تيئن اڄ سنڌ پنجاب وٽ، جيئن دلي منجهه مچي،
ڪُڙهي ڪندي رَڃ ري، اچي هت اچي،
سٽپي ست رچي، ويري وات ورهن ڪان....!!

سِر ترهو هٿ حقو، گوڏن تائين گوڏ،
ڏاڙيلو ڌرتيءَ جو، لڪجي منجهان لوڏ،
ڏيدو مٿو چڙ ڏونگري، اکيون اندر روڏ،
ٻولي جنهن جي ٻوڏ، وڙ غيرت ڪان وانجهيو...!!

پنجابين پڪيڙيو، ماندي وارو منڊ،
اوچا وجن اچري، پان ٻنجي پنڊ،
ربوو ۽ رائيونڊ، پيٺو پيٺي آئيا....!!

Gul Hayat Institute

پنجابين پنجوڙ، ڪئين پاتا قوم ڪي،
اٿيا ٿوڙڙ اونترا، جيئن اُني ڪنپيون ڪوڙ،

لاهيندا لٽون هٽي، مٿان سنڌوءَ سوڙ،
مانجهي ٻڌندا موڙ، رڳي ريٽي رت مان...!!

ڌوڙي جو ڌرتيءَ کي، سيو ئي ڌرتي ڌڳ،
اٿي پيا اڄ اونيڙا، لکين لوهي لڳ،
ڪٽي سؤانن سنگ، اڃن هٽندا اڪلون...!!

سورهه سپوت سنڌ جا، دودا دريا خان،
سوين ساماٽا اٿئي، جيجل پٽ جوان،
ٻاٻاڻي ٻولي مٿان، ڪروڙين قربان،
گهوٽن جو گهمسان، ڪانئر ڏنو تو ڪين آ...!!

Gul Hayat Institute

امڙ اڪ آڻي، متان ڪرين ماءُ تون،
وارث تو واري، جيجل جاڳيا جوءِ ۾.....!!

سپوتن سُئا، سنڌو تنهنجا سڏڙا،
مِڙيا ڪئين مرڻ لئه، مانجهي ڪي مئا،
دِلان ڪر دعا، ته پورا رهون پير تي.....!!

مُڇن ساوڪ منهن، ڳِلن ڳاڙها ڳيرو،
سنڌڙي تنهنجو سُنهن، اڇن سِرَ سهائيو.....!!

سينڌ سُڪل جو سُنهن، مونکي آهي مامتا،
مٿي تنهنجو مُنهن، سر ڏيئي ڪندس سنڌڙي.....!!

Gul Hayat Institute

جيجل ڏني جنهن ۾، لاڏ منجهان لولي،
ڪير وساري سگهندو، سا ٻاٻاڻي ٻولي،

ٻاونجاهہ ٻولن سان، جڙ چٽيل ڪا چولي،
لڳي جي گولي، تہ ٻہ وسري ڪين وجود مان....!!

هٽي نہ حاڪم ڪو سگهيو، ضميرن زنجير،
ترت ويندي تڙجي، تو جا ڪئي تدبير،
جڏهن ڪوندر ڪهاڙين سان، ورندا مٿل وير،
ڏڪائيندا ڏاڍن کي، هٽي ڪنارا ڪير،
مانجهي سڀ مهمير، سِرَ گهوريندا سنڌ تان....!!

ڪنڌ ڪپيندين ڪيترا، ڪوند ڪروڙين ڪنڌ،
پيل جن جي پيٽ ۾، سندو مادر منڌ،
ٿيندا پاڻ ملهائي سي، ساٿيهہ منجهہ سڳنڌ،
سوين سينگاري ويون، سسيون سوريءَ سنڌ،
پري ناهي پنڌ، اجهي آيا صُبا....!!

Gul Hayat Institute

ڪيڏو گوڙ گرنار ۾، ڪيڏي تتي تند،
ڪيڏو سور سرود ۾، ڪير بچائي ڪند،
مادر چاتي مڌ، پيئندي پاليا آهيون.....!!

عشق مٿي، مشڪ مٿي، مٿي منهنجي ماءُ،
سهندي سٿُون سِر جون، دودن هنيو داء،
گهاون مٿان گهاءُ، مانجهين جهليا منهن ۾.....!!

اندر جن اسٽيل، سي ڏيل نه ڏس تون ڏٻرا،
محبت ۾ ميڪائيل ۽، اٿيا ته عزرائيل،
چا جهلي تن جهيل، جي سيلاني سمونڊ جا.....!!

رڪ سڪ مڪ ۾، فولادي ٻانهون،
تو نه ڏٺيون ڪڏهن، ٻيراڳين ٻاهون،
ڪروڙين ڪاهون، مٿيرن موٽائيون.....!!

Gul Hayat Institute

ڏيج ڳڻن جي سيج، سدا سهاڳڻ سنڌڙي،
پلئه پيئي پرين ڪان، هڪ ٻئي مٿان هيج،
ڏيئي رت جو ريج، ٻڪڙا ڙان بچائبي.....!!

ڳنجي مان ڳجڳاهه، راڻن ڪيو رات ڪو،
ڍَهلي دل دشمن جي، سونڪو پيئڙس ساهه،
ڪونڌر ڪري ڪاهه، وار ڪيائون ويرين.....!!

ليڪ نه لاسڙيات، هي وجهن ور وڏن کي،
ڪاڏا ڪاهڙ مان هٽي، تو ڪاٽڙيا ڪيئين ڪاٺ،
چورا نئين چاٺ، پير چڙاءِ پهتا اٺئي.....!!

Gul Hayat Institute

اڃان سائي ڪُک، پائو آهي پونءِ جي،
جيئن جيئن تپن ڏينهڙا، تيئن تيئن مرڪن مک،
ڏکن پنيان سُک، نئين نسل لئہ نسرندا.....!!

وري پاڳوءِ پان، ڌهرا يا ڪي ڌوهيڙا،
متان من ماٺو ڪريو، مٽيءَ رکجو مان،
جيجل ڏيئي جان، پاليو آهي پٽن کي.....!!

ليڪا لاهي لک، تہ آجائي اوڏو ٿئين،
سنڌوءَ جي سمونڊ جيان، طوفان ۾ بي نک،
واڪي واڪي وک، اُپاڙ جيئن آجي اچي.....!!

لُڇڻ لَڇڻ ناهہ، وانگين ٿان ويرون وريون،
اٿي ڪن اوناءِ، وائي ٿي وڏ گهري.....!!

Gul Hayat Institute

وڏي اڳيان وڏ، ڏک گهري ٿي ڏاڪڙا،
گوندر گاڏا گڏ رندا، سي ٻيڻا ڪري ٻڏ،
سنڌ نه آهي سڏ، حقيقت ڪي حق چئبو.....!!

سونهن سميٽي سنڌ ڙي، ڌرتي ڪئي ڌنوان،
پاڙيٽ پليٽن پيٽ مان، سهسين سون سمان،
اهڙي ڌرتي دان، گهرندي تان گهوري ڏبا.....!!

Gul Hayat Institute

اکر چرا گوليون، اکر ايٽم بم،

ڪن جا چيرين چم، ڪن لئہ ٻُڙيون ٻُڙھ جون.....!!

گولي جي ٻولي، اڄ ٿي آزادي گھري،

جيئن ٻري ٻا روچن جي، ٽڪر ۾ ٽولي،

هو ٿا اڄ هولي، راڻا ڪيڏين رت سان.....!!

اوٻاري آنداءِ آڇيئون آزادي ڪي،

ڦقڙ جن جا ڦٽيا، جيءَ گھمي جانداءِ

ٽڪر ۾ ٿانداءِ تن ٻا روچن ٻاري چڏيا.....!!

سوچي صحيح سوچ، وڙهن ويرين سامهون،

بهادر بلوچ، ڪسن ڪسڪن ڪينڪي.....!!

پختا عزم پهاڙ، بهادر بلوچن جاءِ

Gul Hayat Institute

ڏوري ڇڏين ڏڪن سان، ڏارين سندي ڏاڙ،
آهي ٿاڙو ٿاڙ، وونڪن جي وندر ۾.....!!

جبل جيڏا جگر، ۽ ڀڃا ڙن جهڙا پٽ،
آزادي جا اندر ۾، عشق تنين اڻ–ڪٽ،
ٻار ٻا روچا پٽ، پير نه هٽن پوئتي.....!!

Gul Hayat Institute

## جي ايم سيد ڏانهن منتخب بيت

### ڪوهيا مارين ڪنپ، پوڙهو پڄري پڄري،
### ڏاڍا سٺا ڏنپ، ڏاهي پنهنجي ڏيل تي....!!

سنڌ، سيد پاڻ ۾، رويو ويٺا رون،
ڏونڪا هڻيو ڏيهه ڪي، چٽا اکر چون،
ميا رون مردن جون، هوندن مٿي هون،
ڪٽڻ قومي خون، رائا ڙيو ٿو رت ڪري....!!

ويٺا رت روئن، سنڌ، سيد پاڻ ۾،
لکڻ ليکو ناهه جو، گاڏا گوند رن،
ورهايو ونن، ٻئي قيدي قول جا....!!

سنڌ، سيد پاڻ ۾، ڏني ڳل ڳرات،

Gul Hayat Institute

سور ٻنهي جو ساڳيو، ڄيري منجھ ڄراٽ،
ٻئي گهيري گهاٽ، ٻئي قيدي قول جا...!!

ٻئي قيدي قول جا، ٻنهي ساڳيا ٻُنگ،
ويرين وڏا ورهن ڪان، واري ڏاڍا ونگ،
وينا چورين چنگ، پر ٻوڙن ٻڌڻ ڇڏيو...!!

جنين ٻڌا سر، سنڌوءَ ۽ سيد ڪان،
ڪڍهن لٺي ڪانه ڪا، تنين هئين هُرَ،
دلين اندر دُرَ، پاٽيٽ تي پلٽي پيا...!!

راول رني ڪوٽ مان، جنم وني جاڳيو،
سين هنيائون سَن مان، سُر اهو ساڳيو،
ريھ ڏئي روح جنهن، ويڙهيچن واڳيو،
پونءِ ڏٺو پاڳيو، سيد آهي سنڌ جو...!!

Gul Hayat Institute

بينو آهي ٻِ ٿيو، سيد سنڌوءَ ڪاڻ،
'ديو هيڪل' دشمن جي، اصل نه مڃي آڻ،
ڇرون ڏيئي ڇاڻ، اندر جنهن اجاريو...!!

ڏاها تو ڏسي، سا واٽ نه آهي ونگڙي،
جيئڻ جيا پو جنهن ۾، پنوهارن پسي،
ڪيم نه دل ڪسي، توڪل ٻڌم ترهو...!!

ڏاها تنهنجي ڏس، مون پُري ورتو پيچرو،
سائين، ڇيو سچ تو، سرنڌ ۾ سور سرس،
وڃان پيو واٽ تي، وڏا ڪندو وس،
اڇي رهبر رس، جيئڻ هاڻ جنجال ٿيو...!!

صحيح واٽ سواٽ، بيشڪ تو بيان ڪئي،
ويچاري وجود ۾، ورتم سائي واٽ،
اڻ ڪٿ ويري واٽ ۾، گهمن جهليو گهاٽ،

Gul Hayat Institute

چا رين ٻڌي چؤڪنپو، وڌائون تنگ تراٿ،

لالڻ ٻاري لاٿ، ڪر آجو اونداهي مان....!!

آهم تنهنجو آسرو، جيسين سيني ساهه،

اوٿان نہ اوجهراء مَر پيا ڪورين ماهه،

رِڙهان ڪنهن ٻي راهه، تنهن کان مهندئي شل مران....!!

Gul Hayat Institute

# ٿوڙي سانجهو

ساٿيھ منجهان سڌ، اچن ٿا اتاولا،
هيڪر هيڪاند ٿيو، جيڪي هڏهين هڏ،
سندا مارن هڏ، وري ويرين وات ۾.....!!

ڪيڏي آهي ڪوڪ، ويڙهيچن ولهار ۾،
بيگانا بي ڪفنا، مرن روز ملوڪ،
ڏمر ڏاڍ ۽ ڏک جي، هنڌين ماڳين هوڪ،
سانگين ساڻ سلوڪ، ڦاسيون، ڦاهيون ڦٽڪا.....!!

ڏاهن ماڻهن ڏيھ کي، ڏني ڪيڏي ڏات،
پاڻ سدائين پنڌ ۾، رهيا ويريءَ وات،
اسين اڪ نہ پوريئون، جيسين رهي رات،
ويهي وهائي رات، جوت ڏنائون جڳ کي.....!!

Gul Hayat Institute

نوڙهيءَ منجھ نڪاءُ، منهنجو ڏيل ڍهيون ٿيو،
جوڳي پهتا جوڳ کي، پيم ڪنِ پڙلاءُ،
موتي پنهنجي ماء، سيني منجھ سينگاريا....!!

چٽنگ مان چمڪات ٿيو، راڻا رتوچاڻ،
ڳنجي ڏونگر دانهن ڪئي، روئي ڏنو مهراڻ،
نوڙهي ٿيئڙو ناڻ، موکي متارن جو....!!

واهوندي آندي، اڄ بہ خوشبوءِ خشڪ جي،
مادر دل ماندي، رني پوئين رات ۾.

راڻا رتوچاڻ، آيا آرڻ وچ ۾،
سچو سڳ سنڌوءَ سان، آيا سر کڻي سرواڻ،
امڙجي اماڻ، مُرڪ منهن ميدان ۾....!!

Gul Hayat Institute

# وڳھ جا وريام

دودا پٽ پونگر جا، پونگر ننگر نام،
آنکي ساري سنڌ ٿي، وڳھ جا وريام،
ڪري ڪالھ قيام، سنڄي سنڌ ڪري ويا.....!!

سورهيہ سوري سيج، ننگر هليو نينهن سان،
پنجاهہ يارن پاڻ ۾، پونگر پني پيج،
بهادر شهر بکار ۾، رت ڏنائون ريج،
اُيا چون پاڻ ۾، مڙس ٿي مريج،
سامهون سر ڏيج، تہ سويارو ٿئين سٿ ۾.....!!

ترڪش ٻڌي تنگ چڪي، جنگ بہ جوٽيائون،
چاتين چرا دشمن ۾، ڪپي ڪوڙيائون،
ڪيڙا لال لهوءَ مان، ٻهڳن ٻوڙيائون،
لکيو لوڙيائون، قضا تري ڪانہ ڪا.....!!

Gul Hayat Institute

قضا ٿري ڪانه ڪا، آيو امر الاهي،
شير شهادت رسيا، پئي وڳهه ۾ وائي،
رضا مڃي رب جي، راڻا ٿيا راهي،
طور ممت طائي، ٿيا روانا رب ڏي.....!!

بهادر شهر ٻڪار ۾، جوڏن جوڙي جنگ،
ڪارن ڪُميتن جا، چڪي پريائون تنگ،
ڪاهي پيا ڪٽڪ تي، ٻاڻ هنيائون ٻنگ،
وڳهه روپا وچ ۾، ريٽو ڏنائون رنگ،
گهوٽن گهاتي نينهن سان، نڀايا ٿي ننگ،
نه ٿيو دشمن دنگ، مري پاڻ ملهائي ويا.....!!

گهنڊ لڳا طبل وڳا، جنگ ٻه ٿي جاري،
سورهه سپوت سنڌ جا، هاري ۽ ناري،
واڍا لوهر ڪاسبي، واڻيا واپاري،

Gul Hayat Institute

وڙهيا ويرين اِئين جيئن، منگهه وڄي ماري،
سوڍا سما ابڙا، راٺا ريا ري،
ڪان! سهي ڪاري، وڏي شان شهيد ٿيا،

پاتا جڏهن پڙ ۾، دودي پير دلير،
چتي جنگ چڙهي پئي، ڏونڪو لڳو پير،
مغلن جا ميدان ۾، ڍونڍ ٿي ويا ڍير،
گهوڙو مشڪي گهوٽ جو، جيئن بڪايل شير،
سوين صوبه سُنبن سان، جنهن ڪيا زمين زير،
ماريو مهاڙا وڃي، مانجهي مرد مٿير،
ڪندو اهڙي ڪير، جهڙي تو جنگ جوان ڪئي.....!!

ڳاڙها منهن مغلن جا، ماڻهو گهرن ماس،
ڦري شهر ڀڪار جو، جن بنايو بنواس،
جڏهن دودو ڳڏين دوبدو، تڏهن رنيون ڪن راڪاس،
پوءِ دغا ڪري دودي لئه، ڪوهه ڪٺائون خاص،
جنهن ۾ پالا زهر جا، ٿنگيائون ٿياس،

Gul Hayat Institute

اندر رهي آس، سو پڻ شير شهيد ٿيو.....!!

دودا تنهنجي دم ۾، حياتيون هزار،
وڏن ڪان وڌي ٿي، تنهنجي چام چمار،
سورهه سينگاري سنڌ ڙي، وئين تون وينجهار،
ڪوندر تو ڪردار، مڙني مٿاهون ٿيو.....!!

سدا سبز سهڻي: وڳهه جي وادي،
ٿورن ڏينهن ٿيئڻي، جتي ننگر جي شادي،
دهل وڄيا ٿي در تي، جتي گُلن جي گادي،
لائون لهندي رُڪ سان، جنهن آندي آزادي،
روئي جنهن لهِ رت ڦڙا، سومل شهزادي،
ڪربل وارو ڪيس ٿيو، حڪم ساڻ هادي،
مردن منادي، ڳوٺن ۾ پئي ڳائبي.....!!

وٺيو نانءُ ننگر جو، پونگر سڏي پاءُ،

Gul Hayat Institute

ڇهري چنڊ معصوم ڪي، گهٽا لڳا گهاءُ،
راند ڪيئين ٿي رُڪ سان، جت ترارين تاءُ،
پسي حملا نه هٽيو، وريامن وِياءُ،
سندو روپا راءُ، وڏي شان شهيد ٿيو.....!!

هانسا تنهنجي هاڪ، اڄ بہ سوڍا سنڌ ۾،
مانجهي ملهائي وئين، دوستي جو ڏاڪ،
پاونگ چڙهي پڙ تي، بيٺين ٿي بيباڪ،
تازي تنهنجي تن تي، پرڻي جي پوشاڪ،
سوڍا سر سوريءَ تي، تو چاڙهي ڪيو چاڪ:
تاڙيون پيجي تاڪ، ٿئين داخل دودي دربار ۾.....!!

اچي اعلاءُالدين، ابڙي کي اعلان ڪيو،
ساموين سومرن جون، تو وٽ جي آهن،
سي ڪر حوالي منهنجي، نه اچي تن تسڪين،
نه نه مري تون مسڪين، ويندين واهر وچ ۾.....!!

Gul Hayat Institute

جوڙي ڏنو جواب، ابڙي اعلاءُ دين کي،
سِسي ساندي سامون ڏيان، ايءَ کهڙي منجهه ڪتاب،
ذلت واري زندگي، سمي نه پيئي ساب،
هتي جو حساب، تُرندو ترارين وچ ۾.....!!

ابڙي اعلاءُدين جي، ڏني جنگ جهان؛
سمون صوبن وچ ۾، پڌرو پهلوان،
هٽي ٻن هٿ سان، ڪٽا را ءِ ڪان،
گهوٽ ڪيو گهمسان، مغلن سان ميدان ۾.....!!

هٽي بينو هوڏ، سمون سر جي پڙ ۾،
ڪوپا ڪپيئين ڪيترا، ڪڏي منجهه ڪوڏ،
لاکيٽي تنهن لوڏ، پڙ ۾ پريان پڌري.....!!

سمي سنا سِر تي، گهٽا ڌڪ ڌوپار،

Gul Hayat Institute

ڳٽڻ نہ هئي ٻاهڙي، چنيل هو چوڌار،
رت وهيس ريلا ڪري، ٿيس ٻُت بيڪار،
سائين پرتيون سومريون، ڪيائين ڪڪٽڪار،
سر ڏئي سردار، سمي پاڻ سنواريو.....!!

عرشن ۾ آواز، ستر رک سيچا ڏٺي،
قادر قبولڻ پيو، سندو روحن راز،
ستين ان سڌ ۾، هو برھ بي انداز،
ڌرتي لڳ ليڙا ڪيا، چڏي نخرا ناز،
انجام ۽ آغاز، مستوراتن ماڻيو.....!!

ٻاگهي تنهنجا ٻول، اڄ بہ سبق سنڌ لئہ،
تو پاڻ – مرادا پاريا، سندا قالوءَ قول،
چڏي رنگ رتول، تو ڏنو مان مٽيءَ کي.....!!

ٻانهن تنهنجو ٻر، ٻاٻاڻن کي ٻاگهلي،

Gul Hayat Institute

سيبا ڏيئي سترڪي، تو سرهو ڪيو سر،
امر اسم تنهنجو، سدا سنڌ اندر،
جنهن کي چوين مر، سو ڪانئر ٿئي نه ڪڏهن ...!!

سبق ڏيئي سنسار کي، هليا سنڌ به سنواري،
جيجل جوانن کي، اڄ به اوساري،
صحيح پٽ سو منهنجو، جو دودي دل ڌاري،
ٿيءُ به بخشيان تنهن کي، جو سوري سنواري،
مانجهي ٿي ماري، دشمن پنهنجي ديس جا ...!!

Gul Hayat Institute

سڏائين ٿو ساهه ڏٽي، ڪُل مٽي قادر،
پائي رکئه پاڻ تي، چوغي تان چادر،
پورهيتن پادر، ڪير هٽي پيو ڪندو ڪان.....!!

جي تو ساري سکھ، ويڙهي آهي وجود ۾،
پوءِ هي هاڃا هنجن سان، ٻيڳهيون ڪن پيا ٻڳهه،
انگهيو انگهيو اگهه، ماڻهن جا مقرر ڪرين.....!!

نه ڪو الله آهين، نه ڪو تون خدا،
اها ڳالهه جدا، سوچن جي 'سمونڊ' ۾.....!!

مٺ چوائين مٺرو، مٺي ڪان مٺي،
اندر ڪاڏل ڪوڪلو، ڏٺو ڏيھ ڪٺي،
سورن منجھ سٺي، سانگين وڏئي سنگهرون.....!!

Gul Hayat Institute

آهن تو اڳ ڳاڙ ڪي، باقي ڏينهن باقي،
پت ويئي ٿي وائکي، تاڪ لٿي تاقي،
سڄون تون ساقي، ڪونهي تو وٽ قطرو....!!

ڪونهي تو وٽ قطرو، ڏنو ساري ڏيهه،
دوکي وارو ديهه، پاڻهي ٿي پيو پڌرو.....!!

ايڏو جي وڏو، آهين اُپ عرش کان،
پوءِ ڇو پورهين جو، هيڏو جيءُ جڏو،
عياشيءَ اڏو، تاهيو تو ٽڳيون ڪري....!!

تون پڻ منجهان تِن، جي مارا ماروئڙن جا ،
جي سچو آهين ساک سان، بنا بِنتِ بن،
تِن سان طبق ڇِن، جي آزاريندڙ عوام جا....!!

تون تيئَن گهرين اطاعتون، جيئَن بک گهري بکيا ،



Gul Hayat Institute

دعويٰ ڪرين ڏنگ جي، سڀ منهنجي سڪيا،
ليڪ تنهنجا لڪيا، پڌر پوٿيون پٽ ۾.....!!

سُتين سَتين اُپ تي، ڏکيا پير ڪري،
هيڏو پؤنء پاڳين تي، ڀار رڻ پيو ڀري،
پاپُچ پير پري، پاڪڙ تون هٿ هُئڻ تان.....!!

آهين يا ناهين، سا سمجهن ٿا سڄاڻ،
ڪُن چئي قادر ٿئين، رعيت رتوچاڻ،
اهيئي اهڃاڻ، هئڻ ڪان هئي ويا.....!

Gul Hayat Institute

# سرموڪي مٽارا

پري آهي پرين ڪان، هي جو مون هئڻ،
ڪيڏو شهرن شور آ، مون لئہ رائو رڻ،
ٻري ڳالهہ ڳڻيدڻ، جهڙيل جهوني هڏ ڪي.....!!

رُڪ جهڙيون راتڙيون، سُورن اُپري سج،
ويهہ ويهہ پيرا وج، ڪري روز قلب تان.....!!

ڪالهہ بہ آيا ڪين ڪي، نہ ڪي آيا اڄ،
وڇوڙي ۾ ورهہ ٿيا، ڪيئن ڏوئي لاهيان ڏڄ،
واڄي وانگر وڄ، آئي عجبين لئہ.....!!

Gul Hayat Institute

سا روڻيون سرير ۾، اُپريون آڌيءَ رات،
ڪڏهن نہ ملندا ڪهل ڪري، هجن شال حيات،
ڏيئي ويا سا ڏات، جا نينهن نيرو نہ ڪري.....!!

لُهو لڙڪ ٿيام، اکين رت اوٻا ڙيو،
ڏيئي جل جگر کي، ويساهي ويام،
ڪُهرام ۾ قيام، پُکي پتي مون پيا .....!!

ٻرن ٿاندا ٻاٻرا، اندر منهنجي آگ،
پري پير پريت جا، اڄ تون واري واڳ،
دل جا دلبر داڳ، ڪولي تو ڏيکاريان.....!!

سج اُهوئي ساڳيو، ڌرتي ساڳي ڌُن،
دور درياهن مٿيا، سمنڊ نه ٿيو سُن،
هي حياتي تُن، واري جيان وهي وڃي.....!!

نرو ناهي پيا ريو، ڪولهڙ مونکي ڪالهه،
جاڳي پيو جيءَ ۾، جيئرو جل جلال،
حرام ۾ حلال، ٻئي ٻُڏي ويا ٻوڏ ۾.....!!

Gul Hayat Institute

ٽرو جيئن ٽري، تيئن ٽري جا ٽاٽ،
ساڄن جي ساقي هجي، مِٺي مُني ماٺ،
اندر جي اٽاٽ، ويٺر وڏي وٽري.....!!

ڪولهڻ سندو قطرو، قطب چڙ تارو،
سمجهڻ وارن سمجهيو، اهو اشارو،
اُپريو اڪيڙو چڙي، اندو اندارو،
نظر نظارو، ڏنو اڇي ڏينهن جيان.....!!

ڪولهڻ هٿان قطرو، مليئي تاڻ مُل،
هزارن مان ڪنهن هڪ تي، جهُلي اُها جهُل،
مٿان پلجي، پُل، ڪري وڃائين قطرو.....!!

Gul Hayat Institute

ڪولهڻ هٿان قطرو، مليئي نہ مالا مال،
هي وڃائي حال، اڳين ڪان اڳي ڪري.....!!

ڪولهڙ پڙو ڪيسرو، ڪنجري ڪوڏين وِنڌ،
ساري جرڪي سنڌ، ٻانڌڻ چني ٻڌ ۾.....!!

پڙي جي پکيڙ ۾، سچو نقشو سنڌ،
هيرا هس ڳچيءَ ۾، سونين ونديل ونڌ،
جڳ جڳ تنهن تان جند، گهوريندي گهٽ پانئيان.....!!

متارن ڪا متءَ پڙهي هئي پڪي ڪئي،
موکي سندي مٽ تي، ساهه ڏنائون ست،
رتي ڪن نه رکت، هي ڏي، هي وٺ تون.....!!

متارا ۽ مٽ، پنبر ڪي پيڙا رهيا،
سنئان وٺيءَ وهه ڪي، گهٽو پائن گهٽ،
جهمر هٽي جهٽ، موکيءَ ڪي موکي ويا.....!!

Gul Hayat Institute

سري وٺ سرا، مانجهي مٿا رن جا،
ڪڏيئون موڪيءَ مَٿن مان، تِڪون ڏيئي ترا،
سپيئي سور ٻَرا، لحظي ۾ لهي ويا.....!!

موڪيءَ سندي مٽ ۾، سوين سَپ سُرن،
هڪڙي وٺي هٿ ۾، ٻي ٿا گهوٽ گهرن،
ڪو جو چاهه چُڪيءَ ۾، چائنٺ ڪان نه چُرن،
جهوريءَ اُن جهرن، وٺي ڏي ڪا وِتري.....!!

وڏڪا چڏ وسڪي، پيءُ تو موڪي مَٽ مان،
موڪي سندي مَٽ جو، رستو وٺ تون رسڪي،
گا روڙي گسڪي، مٿا رن جي ماڳ ٿيا.....!!

Gul Hayat Institute

مٿي نيلون نسريون، هيٺان مڪ محراب،
موڪي سي مَٽ ڪوليا، جنهن جو ناهي جواب،
مٿيون مٿا رن جون، تڪ جهليائون تاب،

ڳڍي ڏوهہ ثواب، حج پڙهيائون حجرا....!!

موڪي مک محراب تان، پردا ڪيا پري،
خشبوءَ ائين ڪلي پئي، عنبر اوج ڪري،
جيئن جيئن رات ٺري، تيئن تيئن تڪون تاڪ ۾....!!

جيئن ٻرن ٽاندا ٻاٻرا، تيئن مشعل موڪي مُنهن،
سُونهن خدا جو سُنهن، اڳئي ڪي آب ڪري....!!

جهڙو رنگ رتام، اصل آهي انب جو،
موڪيءَ مُدام، مهڪ تهان وڌ مُنهن ۾....!!

پنپن متان ٻُوند جڻ، موتي ڌا تيلا،
چڏڙ وجي چانگ ٻئي، وِهائي ويلا،
جهنگن جهميلا، سڌ پيا ڪن سُونهن ڪي....!!

متا رن محراب ۾، نيتي جا نماز،

Gul Hayat Institute

سهڻا ساز سُرن ۾، عجب ڪئين آواز،
روحانيت جا راز، رات متارن ماڻيا....!!

پيئندي پيئندي پُر ٿيا، ڪئي عبادت اوج،
موڪي سندي مَٽ مان، ڪئي متارن موج،
فنا ڪري فوج، وحدت ڪي ويجها ٿيا.....!!

نيلن منجهان نُور جون، ڏِميون ڏا رائون،
ٻلهڙ ٻاهون ٻيڪڙيون، لڏائون لالون،
هيرون هوائون، ڪٽي ڪيتان آئيون.....!!

نيل نهاري نپ ۾، آنڌائين انڌلٺ،
سو سو سجدا سٺ، موڪيءَ جي محراب ۾.....!!

Gul Hayat Institute

موڪيءَ جي محراب کي، نه ڪو ويڙهو واڙ،
نه ڪو جهيڙو جهل ڪا، نه ڪي حسد ساڙ،

اتي جي اڳهاڙ، بهتر برقعي کان گهٽي.....!!

پهريون سجدو سچ، موکيءَ جي محراب ۾،
بيائيءَ جو بچ، پاڙئون پٽي هليا.....!!

موکيءَ جي محراب ۾، نينهن پريون نديون،
پر پيئندي پاڪ ٿيا، ميٺي سپ مديون،
سڪيا جي صديون، جهوليون تن جهمائيون.....!!

موکيءَ جي مسيت جا، جاني جماتي،
آٺيو آچن اُن اڳيان، هڪي حياتي،
اهڙا ڪئين آتي، ڪونڌ ر آهن ڪلال جا.....!!

Gul Hayat Institute

موکيءَ جي محراب ۾، ڪاريگر جو ڪم،
اکيون پسي اوڪاٽيون، ويا سپ وهم،
ڪيڏو ڪيو ڪرم، موکي متارن تي.....!!

رت رتن جوت جيئن، موڪي ٿي مهڪي،
ساهه سلها ڙيائين ساهه سان، سينو ٿو سهڪي،
بيٺو ٿو ٻهڪي، چهرو موڪي چنڊ جيان.....!!

اُره منجهه انگي، تڙپن ٿا ڪنهن تاڪ لئهِ،
هريل هٿ حبيب تي، تن جي ٽُوڙ تنگي،
جوالا جيئن جنگي، مٿي اُڀا مورچي.....!!

اُره انگي منجهه، تڙپين ٿڪين تاڪ،
حبيبن جي هٿ سان، ٿئي پليتي پاڪ،
ڪري چولو چاڪ، چاڙ نيرانا نڪتا.....!!

سچ نه ڪني ڪڌ، اچا رات رهڻ ڏي،
وچوڙي جا وڌ، ڀنيءَ ۾ پري ونان.....!!

Gul Hayat Institute

ٻنپرڪي ۾ ٻاڪرين، موڪي منهن تي ماڪ،
چٽي چس چپن جي، پاڻ ڪيائون پاڪ،
حقيقي هيراڪ، ازل اُج اوتي ويا.....!!

سري مان سنجوڳ، چا متا رن ماڻيو،
ٻپ ٻڙڪائي ويا، ڦٽو ڪيائون ڦوڳ،
لٿو روزن روڳ، عيد ملهائي اٿيا.....!!

تند تني تسبيح جي، پڪڙيا ڏاٽا پوڪ،
ازل پيڙا اوڪ، لحظي ۾ لهي ويئي.....!!

جسم جنسي جل ٿيو، جيئن ڪوري ڪامي لوهه،
موڪيءَ جي ماري وڏو، متارن کي موهه،
نه ڪو ڏپ نه ڏوهه، وِهه پيتائون واري تي.....!!

موڪي مڪي چوس، ڪڏهن آهي ڪانه ڪا،

Gul Hayat Institute

منهن ڪوليا مَٽن جا ، ننگ وڏي ناموس،
متان ٿئين مايوس، مٺا مٽي ۾ وهنجندا....!!

پليتي پاڻيءَ سان، پاڪ نہ ٿئي پڪ،
وهنجا ري وجود کي، لاهي شرابان شڪ،
ڏُڪ ڏُڪ آهي ڏڪ، اڱيان جي اگهاڙ لئہ....!!

موکي متارن کي، ڏُکن ٿئي نہ ڏئو،
آٽڻ لئہ آچيندين، هو پيا ڪندا هئو،
مڏ ۾ آهي مئو، اوتيندي اُڃ ٿئي....!!

تِڪُون ڏيندين تونس، ويچارن وڏي ويئي،
جلوا جرڪيا جاؤ بجاءِ، جيرن آٽيو جونس،
ڪاري ڪٽي ڪونس، مَڪج متارن سين....!!

جڏهن سِڪ سلهاڙجي، ساعت سوئي سون،

Gul Hayat Institute

روُن روُن ڪريو رڳن مان، راحت ماري رون،
انگ انگ سندي اون، لحظي ۾ لهيو وڃي....!!

ڪڪوه کي ڪلال، ٿاهيو وڏي ناٿ سان،
پيئندڙ ڪان پري ٿيا، حرام ۽ حلال،
پاڻئي جل جلال، پاڻئي پيا ري پاڻ کي....!!

موکي سرجي سج جان، ٿاندبن ٿالهه پري،
جنهن کي پيار پساهه سان، پڇي سو پري،
سٺا سر ڪري، مٺ متارن اوتيو....!!

موکيءَ کي موکي، ويو متارن موت،
پريت ول پوکي، مات ڏيئي ويا موت کي....!!

پل انهيءَ پڪڙيئون، دنيا جو دامن،
زهر هو ضامن، پيئندي پاسيرا ٿيا....!!

Gul Hayat Institute

ٻنين مٿان ٻيھ ويا، مير متارا مل،
ڦيرا ڏين ڦٽن لئہ، ڦٽو پائن ڦل،
هيڏي هلان هل، متارن جي ماڳ لئہ.....!!

*

Gul Hayat Institute

## [ ٽه سٽا ]

ونيءَ وانگر ٻنيءَ ٻَڪ،
رت ولوڙي راتو ڏينهان،
پوءِ ٻه هاري ٻُڪ جو ٻَڪ.

گهڙي گهڙي گهڙا،
ڪنيز نهائين ڍَڪ،
مٿان مينهن ڳڙا.

سوڍن سنڌوءَ ساڻ،
دودن دنگ دنگائيا،
راٺا رتوچاڻ.

اڄ ٻه چنڊ اُماس،
ساڳيو اُپري سنڌ تي،
ڪوڪي ڪاليداس.

وڄ.... ٽانڊن تي لهرون،
ماٺو ڳاهن ڳاهه پيا،

Gul Hayat Institute

سيني ۾ سنگهرون.

ڪامڻي اک ڪجل،
منهن تہ ڪيئن مهڪي پيو،
ٽَنگون ٻانهون پڳل.

وياج ڪائي ويو مور،
سوچي ڏس سرير ۾،
هڏ پڳي جا سور.

سودو ڪجي سنهنجو ڪجي،
پنهنجي پرائي چو ٿئي،
پنهنجيءَ ڪي پنهنجو ڪجي.

موٽيو، موٽيو رات،
ڪڍي ٻج ٻجاڻ مان،
ڪَڪِيو ڪاريءَ وات.

Gul Hayat Institute

*

## [چوُ سٽو]

رچ رچ رچ، اچا ٻہ رچ

ڪُوڙ پا ڙون پا تا ر ۾

تنهن کان هينان سچ

تنهن کي ڳولي اچ، تنهن کي ڳولي اچ

Gul Hayat Institute

# وائيون

گھور وڃان توتان گھور،، منهنجو مور،

سِر گھوريندو سنڌ تان....!!

Gul Hayat Institute

# وائي

## ڳهور وڃان توتان ڳهور، منهنجو مور، سِر ڳهوريندو سنڌ تان.

لال هندوري لوڏيان، پائي پَٽَ جي ڏور، منهنجو مور،
سِر ڳهوريندو سنڌ تان....!!

سمهي ننڊون ڪر سڪي لڏاءِ اکيان اوجاڳا اور، منهنجو مور،
سِر ڳهوريندو سنڌ تان....!!

ڪوڙ مٺيءَ جا ڪوٽ هي، پڇي ڪندو پور، منهنجو مور،
سِر ڳهوريندو سنڌ تان....!!

سونهندو ساٿين وچ ۾، ڪارونجهر جي ڪور، منهنجو مور،
سِر ڳهوريندو سنڌ تان....!!

لاهيندو نہ لَتون هٽي، مٿان جهانگين جهور، منهنجو مور،
سِر ڳهوريندو سنڌ تان....!!

Gul Hayat Institute

ايندو اماڻي ڏاريان، لنگهائي لاهور، منهنجو مور،

سِر گهوريندو سنڌ تان....!!

ماڻيندو ”منشي“ چوي، ڪيتيءَ ڪان ڪشمور، منهنجو مور،

سِر گهوريندو سنڌ تان....!!

Gul Hayat Institute

# وائي

## بنجر باغ بناءِ او هاري، بنجر باغ بناءِ

ميڙي چوندي کُھڙ ڪندن جا، جاچي سپ جلاءِ، او هاري،

بنجر باغ بناءِ.....!!

جهونو جهنگل ويڙهه وري ويا، اُن ۾ آگ لڳاءِ، او هاري،

بنجر باغ بناءِ.....!!

آبڻ ايندو ڪونه پيو ڪو، پنهنجي سِر وساءِ، او هاري،

بنجر باغ بناءِ.....!!

موڪون مليون ملڪ سڄي کي، تون ڏيئي رت رڃاءِ، او هاري،

بنجر باغ بناءِ.....!!

وٺ نه وڃاءِ وسرا ويهي، همت هر هلاءِ، او هاري،

بنجر باغ بناءِ.....!!

هيٺ مٿاهين هيڪ ڪڄائين، ڪيڙن ساڻ ڪماءِ، او هاري،

Gul Hayat Institute

بنجر باغ بناءِ.....!!

مٺيءَ جو ڪر مان مٺاهون، ”منشي“ پاڻ ملهاءِ، او هاري،

بنجر باغ بناءِ.....!!

Gul Hayat Institute

# وائي

## منهنجا ٻول ٻه ٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.

ڀاڳيو وڪڙيو ڪير ڪي، ويٺو چپ چٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.

ڪير لاهي ڪلڙي، ويٺو وات پٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.

ٻاز اڇيو ٻازار مان، جهرڪيون وڃن جهٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.

ٻنين سي ٻج ڪاريا، ڇيرا جو نه ڇٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.

هل هلاڇو هوند ۾، ڪٽيءَ ڇا نه ڪٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.

انس اڪر انسان مان، ويڙهو پاڙ پٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.

عمر وڃايئي اُپ تڪيندي، سڌ رکيو ائي سٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا،

قوم آئي قيد مان، ڪيڏو پنڌ ڪٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.

ڪڪ لٿا ڙي ڪنهن جا، بيٺو مُڇ وٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.

منچر اُڃ جنهن من ۾، سا گهڙيي مان نه گهٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.

مور نه مرٽي مارئي، مارو ويا منهن مٽي، ياد ڪري ڇڏ يارڙا.

Gul Hayat Institute

اڄا سوڍا سنڌ مان، ڪَنڌ ڏين پيا ڪٽي، ياد ڪري چڱ يا رڙا.

سچ ويندو ڪوڙ کي، لتن سان لٽي، ياد ڪري چڱ يا رڙا.

سوئي لُٽندو سپڪو، جيڪا چيٽ چٽي، ياد ڪري چڱ يا رڙا.

ڪير نہ ڏيندو ڪنهن کي، پنهنجو ماس پٽي، ياد ڪري چڱ يا رڙا.

پريت پراڻي نہ ٿئي، گهڙي ڪين گهٽي، ياد ڪري چڱ يا رڙا.

ڊائو ڊريل ڊوندي تي، بکيو چَپ چٽي، ياد ڪري چڱ يا رڙا.

غور ڪريو تہ غلام هلن پيا، ”منشي“ مُڇ وٽي، ياد ڪري چڱ يا رڙا.

Gul Hayat Institute

# وائي

## لائون لھڻ لاڏلا، وڃن پيا ويڙھ ۾.

رت رتولي راند ۾، مهندا مُهاڏا،

وڃن پيا ويڙھ ۾.

ارادا نہ اندر ۾، جبل ڪان جاڏا،

وڃن پيا ويڙھ ۾.

سؤانن سڳ ساڳاھيا، پڙ چڙھيا پاڏا،

وڃن پيا ويڙھ ۾.

”منشي“ مهمیرن ڪي، ايندا چا آڏا،

وڃن پيا ويڙھ ۾.

Gul Hayat Institute

# وائي

## مون کي وڍِ وڍا، تون ڇا ڄاڻين پورڙا پائو.

مهراڻ موتين موٽ ڪئي، ڪنڌيين ڪوڏ ڪڏا،

تون ڇا ڄاڻين پورڙا پائو.

ماس مروڙي ڪائي ويا، ڪرڪن هاڻ هڏا،

تون ڇا ڄاڻين پورڙا پائو.

آهن تاڪن تاڪ ۾، تنهنجا تونئريون تڏا،

تون ڇا ڄاڻين پورڙا پائو.

جهوڙيل آهين جهوڪ ۾، ڇڪي جانِ ڇڏا،

تون ڇا ڄاڻين پورڙا پائو.

مارن مڏ مٿي، مٿي، ”منشي“ مال مڏا،

تون ڇا ڄاڻين پورڙا پائو.

*

Gul Hayat Institute

# وائي

## گھور ڪريو گھوٽن، سِر ڏنئون ويا ساڪ بچائي.

ڪاھڙ سا رو ڪُورا ڪُورا، مانجھي ڪيئن موٽن،
سِر ڏنئون ويا، ساک بچائي.

سي ڏينهن سا ريئون جي سُتا، جيجل جي جوٽن،
سِر ڏنئون ويا، ساک بچائي.

ورٺئين ملي آ وارٿين، پٽن ۽ پوٽن،
سِر ڏنئون ويا، ساک بچائي.

جُونڊ مٺائي جوڳيا، ڪيريندا ڪوٽن،
سِر ڏنئون ويا، ساک بچائي.

*

Gul Hayat Institute

# وائي

## جيڏا جيڏا جيس- الا، ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

پهرين ڪنڌ ڪپائڻ لاءِ، هر ڪنهن روح ۾ ريس- الا،

ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

عشق چڪيءَ ۾ آڪرو، پيئي پوي پيس- الا،

ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

راڻا رت رتول ۾، ڪنا رات خميس- الا،

ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

نوڙهيءَ جي نڪاءَ ۾، ڪيڏو هئڙو ڪيس- الا،

ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

”منشي“ مهندان ماءُ جي، سوڍن رکيا سِيس- الا،

ڪاهي آيا ڪاڪ تي.

*

Gul Hayat Institute

# وائي

## ساري سنڌ سرهاڻ، راڻن ڪئي اڄ رَتَ سان،

ڪڏهن وينديءَ ڪانه ڪا،
ٻيلن مان ٻراڻ، راڻن ڪئي اڄ رَتَ سان.

ڏنپ نه سهندا ڏيهه تي،
جوڌا پٽ جواڻ، راڻن ڪئي اڄ رَتَ سان.

سي ڪيئن سِر منو ڪندا،
جريو جن کي جاڻ، راڻن راڻن ڪئي اڄ رَتَ سان.

Gul Hayat Institute

گهوريو گهوريو گهوٽيا،
گهور ”منشي“ پاڻ، راڻن ڪئي اڄ رَتَ سان.

*

وائي

## جوٽي جنگ جبل ۾ ٻيٺا، ٻارو چاڙٽا ٻار، وو يار.

چلنگيون چلنگيون چٽ چپر جا، چورا چاپا مار، وو يار.

آزادي آ نعرو تن جو، گونجيو منجھ گرنار، وو يار.

بم بندوقون، توپون، تن تي، برسن ڪيئن بمبار، وو يار.

ڪولو ڪهان ڪان ڪاهي هليا، سبي سريا سردار، وو يار.

مالي پب، ماوند مٿي ودِ، جهيڙڻ ويا جهونجهار، وو يار.

چلتن ۾ چنگ آزادي جا، چوريائون چؤڏار، وو يار.

دشمن جا لاهوت ۾ لاشا، ڪاج ڳجهن ٿيا خوار، وو يار.

”منشي“ ماريو چڙهن مهاڙا، وار مٿان ڪن وار، وو يار.

*

Gul Hayat Institute

## وائي

### پوچاڙي جو پينگهہ کي لوڏي، هئي هئي ڏي نہ هلورا،

### چرڪي اُٿندا ڇورا.

گهورن گهايل گهوٽن اڏيون، ڪسندي ڪجهندي ڪين ڪي چڏيون،
وري ڪٿي پئي اکيون وڏيون، جڻ ڪي نيڻ ڪٽورا،
چرڪي اُٿندا ڇورا.

سهڻل سائين ڪري سناٿو، هنيا هميشه ٻاڻ ٻِٽا ٿو،
ڇهڪ ڏنا ڪئين ڇٽا ڀٽا ٿو، نت نت نوان نڪورا،
چرڪي اُٿندا ڇورا.

وهنجي ويڙهي وارن واري، تيل چنبيل سان سينڌ سنواري،

Gul Hayat Institute

ماريا ڪئين تو اکين اشاري، ڏيهه جا ڏاها پورا،
چرڪي اُٺندا چورا.

گوري گجرن سان گڏي مون گس تي، وئي پئي واڪا ڪندي ساوس تي،
وجي پئي ڪنهن ڏاهي جي ڏس تي، ”منشي“ ڏيندي مورا،
چرڪي اُٺندا چورا.

*

Gul Hayat Institute

## وائي

## اوسيئڙو ۽ آس، چوري چڙ تي چيڳري.

پاڻيءَ ۾ ڏس پاڇو پنهنجو، تڪيو ڪري پئي تياس،

چوري چڙ تي چيڳري.

ايندو نه ايندو ڊول ڊڪيءَ ۾، ويڙهي ويس وماس،

چوري چڙ تي چيڳري.

چؤڏس چاهت سان ڪري، چارين جيئن چڪاس،

چوري چڙ تي چيڳري.

پرهه پاند ورائيو، رات نه آئي راس،

چوري چڙ تي چيڳري.

”منشي“ ماري من ۾، ڏاڍي تونس ۽ تاس،

چوري چڙ تي چيڳري.

Gul Hayat Institute

*

## وائي

### ڏاڍو آهي ڏچو، مانجهي مورمچو، سنڌو ڪري پئي سڏڙا.

سا ڪيئن سُهڻي پار پُڄي، جنهن جي ڪچ ڪچو،
مانجهي مورمچو، سنڌو ڪري پئي سڏڙا.

سڏ پڙاڏو وِڪ واڪو، اڇو اوس اڇو، مانجهي مورمچو،
سنڌ ڪري پئي سڏڙا.

هينئڙي ڪن هنڊائيو، سڏو سڏ سچو، مانجهي مورمچو،
سنڌو ڪري پئي سڏڙا.

لوڏ لوڙائن سان لڳي، نانگا ٿي نه نچو، مانجهي مورمچو،

Gul Hayat Institute

سنڌو ڪري پئي سڏڙا.

”منشي“ پنهنجي ماڳ ۾، چوپيا پاڻ پڇو، مانجهي مورمڇو،

سنڌو ڪري پئي سڏڙا.

Gul Hayat Institute

# وائي

## جاڳي پيا اڄ جاڳي پيا، ڌرتيءَ جا تہ ڌڻي، ٿيندي ڳالھہ گھڻي.

چيلھ ٻڌي پيا چورن پٺيان، ڏيئي تنگ تڻي، ٿيندي ڳالھہ گھڻي.

راتاهن رات اٿي ويا، هوڪا يار هڻي، ٿيندي ڳالھہ گھڻي.

چورا چرڪي چوھ مان اٿيا، پوندا چيھہ چڻي، ٿيندي ڳالھہ گھڻي.

”منشي“ مانجھي ميڙاڪن جي، واھ جا ڳالھہ وڻي، ٿيندي ڳالھہ گھڻي.

*

Gul Hayat Institute

## وائي

# پوڄاڻي پيغام، آيو ڪٽي اڄ آهي عطائي.

سورت سِر سُوريءَ ٽنگيو، ڪاهڙ ڪيڏي ڪام،

آيو ڪٽي اڄ آهي عطائي.....!!

ڳاهه ڳُجهيءَ ۾ ڳالهه ٻڌائي، ويندو هي وريام،

آيو ڪٽي اڄ آهي عطائي.....!!

ڳهه ڳهه ٻُتيل سورت سان هي، ڪيسين رهندو ڪمام،

آيو ڪٽي اڄ آهي عطائي.....!!

Gul Hayat Institute

جهوناڳڙهه پيو جهلسي جهلسي، آگ لڳي ويئي عام،

آيو ڪٿي اڄ آهي عطائي.....!!

ٻول ۾ قول ٻڌائيندو، تنبورو هي تمام،

آيو ڪٿي اڄ آهي عطائي.....!!

*

Gul Hayat Institute

# وائي

ويڙهه سواءِ ٻي واهه نہ آهي، اڇو تہ جوٽيون جنگ، الا.

سيج ستا جي سيئي سپاهت، ڪارا رڙندا ڪنگ، الا.

ڏاڍ جي ڏاٽ هٽي پئي ڏاڍا، ڏيهہ سڄي کي ڏنگ، الا.

نِت نوان نيلام ٿين ٿا، پنهنجا دڙيون دنگ، الا.

ائين پچون پيا پرين ڪان، جيئن ٿاندن آپون سنگ، الا.

ڪنهن آپيا ري قوم سڄي کي، گهوٽي گهاٽي پنگ، الا.

Gul Hayat Institute

”منشي“ ڏار دنيا کان آهن، پنهنجا راڳ ۽ رنگ، الا.

*

## وائي

### ڪيڏي آهي ڪڙاڻ، وو، تارون منهنجي تاڪ لڳي ويا.

چاتي آهي چيڳرا، متي هي ماڏاڻ، وو.
تارون منهنجي تاڪ لڳي ويا.....!!

سربستا سرير سڙن پيا، جڙ باھ پراڻي پاڻ، وو.
تارون منهنجي تاڪ لڳي ويا.....!!

رات رتو رت روئي روئي، موٽ ڪاڏي مهراڻ، وو.
تارون منهنجي تاڪ لڳي ويا.....!!

ڏيھ ڏکوين تان هي ڪڏهين، ”منشي“ لهندا ماڻ، وو.

Gul Hayat Institute

تا رون منهنجي تاڪ لڳي ويا.....!!

*

## وائي

### ڪونجن جي ڪَـڙڪاٽ الاءِ رات ڀي مون ڪي رت روئاريو.

تو بن چنڊ جي چانڊوڪي هي،
مون لئه اونداهي ڀاڻ الاءِ رات ڀي مونکي رت روئا ريو.

رتڙو روئي مون رات وهائي،
جهپ نه آيم جهات الاءِ رات ڀي مونکي رت روئا ريو.

اوسيئڙي ۾ مهينا مٽي ويا،
تو ته وساري وات الاءِ رات ڀي مونکي رت روئا ريو.

ٻاهه برهه جي پڙڪا ڪاڍا،
لون لون لڳ لوساڻ الاءِ رات ڀي مونکي رت روئا ريو.

محبن آئي "منشي" ٿيندا،

Gul Hayat Institute

سوڌا سوڻ ۽ ساٿ الا، رات ٻه مونکي رت روئا ريو.

*

## وائي

## پرنديءَ ۾ سرندي الا، ڪڏهن ڪنهن جي ڪانه ڪا.

جنهن کي چاڻ چرون ڏنيون،

سا وچان ڪيئن ورندي الا،

ڪڏهن ڪنهن جي ڪانه ڪا.

جنهن سُتي سَندڙِ ماءُ جي،

سا ڪيران نه ڪرندي الا،

ڪڏهن ڪنهن جي ڪانه ڪا.

متي جنهن جي متيءَ سان،

سا ماڳ انهيءَ مرندي الا،

ڪڏهن ڪنهن جي ڪانه ڪا.

Gul Hayat Institute

*

## وائي

### ڪوڙين آهيان ڪني، مون کي ونڻ ڏيو واسرا.

هُت هلورا هير جا،

ماڙين هت مُني، مون کي ونڻ ڏيو واسرا.

ٺاريليءَ جي ٿڌڪارن تي،

ٻنجي شال ٻُني، مون کي ونڻ ڏيو واسرا.

چانگ چڊِڙِ جا چيڪ تهان مان،

جيئندس ڪيئن جني، مون کي ونڻ ڏيو واسرا.

”منشي“ مرندي نا ڏيان،

پنوهارن پُني، مون کي ونڻ ڏيو واسرا.

*

Gul Hayat Institute

# وائي

## ڪيڏا ڪاڪ ڪلور، موٽو موٽو ميندرا.

مومل ماڻ ماڙيون، نيچوئي نور،

موٽو موٽو، ميندرا.....!!

ڏاڪو ديس ٻديس جنهن جو، سا اڄ ڪائي سُور،

موٽو موٽو، ميندرا.....!!

چورن اک ۾ چاڳلي، اوهان چو؟ اڪپور،

موٽو موٽو، ميندرا.....!!

ميرين اکين "منشي" مانجهي، اُٿي وجهو انبور،

موٽو موٽو، ميندرا.....!!

*

Gul Hayat Institute

# وائي

## سنڌي جهاڳي سُڄَ الاءِ وسيءَ کي ويڄها ڏيا.

لاهيو ساري لوڪ تان، آزاديءَ جي اُڄَ الاءِ
وسيءَ کي ويڄها ڏيا.....!!
مانجهي مهيني ماس جي، رهي آهي رُڄَ الاءِ
وسيءَ کي ويڄها ڏيا.....!!
هاڻ هيريل ڏات کي، پڇي ڪريو پُڄَ الاءِ
وسيءَ کي ويڄها ڏيا.....!!
ماڳ جي مهندان موت کي، "منشي" ڪريو مُڄَ الاءِ
وسيءَ کي ويڄها ڏيا.....!!

*

Gul Hayat Institute

# وائي

## ڌرتي ڌرتي، جهانگيئڙن سان جهر جهنگ جهيڙا.

اچو اُوچي ڳاٽ سان، مياڻي آهي متي،
جهانگيئڙن سان جهر جهنگ جهيڙا.....!!

زوريءَ چور چري ويا، تنهنجا چيٽ ڪتي،
جهانگيئڙن سان جهر جهنگ جهيڙا.....!!

پورهيت پيٽ بکئي جي پُڙ ۾، رتي ناهي پتي،
جهانگيئڙن سان جهر جهنگ جهيڙا.....!!

Gul Hayat Institute

سوڍن سمجهي سام سنڌوءَ کي، رکي ستي جتي،
جهانگيئڙن سان جهر جهنگ جهيڙا.....!!

”منشي سي اڄ موج ۾ آهن، گهاٽي جن گهتي،
جهانگيئڙن سان جهر جهنگ جهيڙا.....!!

*

Gul Hayat Institute

# وائي

## سهڪيو سنگ لُٽي، ڪولهڻ ڪانبو ڪنڌ ۾،

رُوپ رُوپلي وارو ساڳيو، جوڏا ڄام ڄٽي،
ڪولهڻ ڪانبو ڪنڌ ۾.....!!

پريان وڏيرو من جو ميرو، پونڪندو نہ پُٽي،
ڪولهڻ ڪانبو ڪنڌ ۾.....!!

Gul Hayat Institute

موهن دڙي جي مورتي ساڳي، چر ۾ چير هٽي،
ڪولهڻ ڪانبو ڪنڌ ۾.....!!

*

# وائي

ما ريو متا رن موت، زهر ڪي ضامن وجهي.

رات رسي پرڀات ڪي، اوتيون اوتون اوت،
زهر ڪي ضامن وجهي.....!!

موڪيءَ جي ميخان مان، روڙيئون رتن جوت،
زهر ڪي ضامن وجهي.....!!

وحدت ۾ ويا ويڙهجي، چڏي پوتيون پوت،
زهر ڪي ضامن وجهي.....!!

موڪيءَ مام پروڙي ”منشي“ ڪيا حقيقت هوت،

Gul Hayat Institute

زهر کي ضامن وجهي.....!!

*

## وائي

## لالچ ۾ احساس، موکيءَ مهندان آيا اُپري.

مَٽ ماٽيءَ ۾ وِهه ولوڙي، ناگ ڪري ويا ناس،

موکيءَ مهندان آيا اُپري.

جيئرا هوندا موٽي ايندا، ٻَنين رهندي باس،

موکيءَ مهندان آيا اُپري.

ناٽو ٽاٽو موکيءَ ماٽو، لالچ لاٿو لباس،

موکيءَ مهندان آيا اُپري.

طب نه ئي ترياق پچيائون، لس ڪيائون لاس،

موکيءَ مهندان آيا اپري.

”منشي“ ميٺ محبت ماٽي، پاڻ ڪرايائون پاس،

موکيءَ مهندان آيا اُپري.

Gul Hayat Institute

*

## وائي

## ماندي مَند مندي، ڪامڻ مون تي ڪاله ڪري ويا.

مون رُلسيءَ کي ويا رلائي، روهن منجهه رندي،
ڪامڻ مون تي ڪاله ڪري ويا.

چڏي هليا چيڪ ويا، چوريءَ کي چندي،
ڪامڻ مون تي ڪاله ڪري ويا.

ويني سُور سرير جا، واڻن سين وندي،
ڪامڻ مون تي ڪاله ڪري ويا.

ڦرڪو هي ڦيرائيو، ڇُهڙي ڪنهن چندي،

Gul Hayat Institute

ڪامڻ مون تي ڪاله ڪري ويا.

دم نہ دميو ديس ۾، اندر هن اُڪنڊي،

ڪامڻ مون تي ڪاله ڪري ويا،

ڏيئي وينا ڏير هئا، جهندو ساڻ جهنڊي،

ڪامڻ مون تي ڪاله ڪري ويا.

*

Gul Hayat Institute

## وائي

### لاکو لِج سندن، اوڏڻ لوڏڻ ۾ لُڏي.

ڪنجري تي ائين ڪوڏيون، جيئن ٿا ٻا ر کلن،

اوڏڻ لوڏڻ ۾ لڏي....!!

سرنهه وڻ سرهاڻ تي، پلجي پوئر پرن،

اوڏڻ لوڏڻ ۾ لڏي....!!

گهير هوا ۾ گهاگهرو، مور جيئن رانديون ڪن،

اوڏڻ لوڏڻ ۾ لڏي....!!

ٻانهن مُنيا عاج جا ، لاکي لاءِ لکن،

اوڏڻ لوڏڻ ۾ لڏي....!!

”منشي“ لاکو مهر ڪري، اوڏو ٿيو اوڏن،

Gul Hayat Institute

اوڏڻ لوڏڻ ۾ لڏي.....!!

*

وائي

منهنجو جانب جيئڻ جو تيئڻ، نظر پوڻ سان نيڻ ٺري پيا-

هام هڻن هت حُسني هزارين، منهنجي پرين جي، پَرِ نه ڪو پا رين،
ڪنڌ ڪيا يان تنهن کان ڪيئن، نظر پوڻ سان نيڻ ٺري پيا.....!!

بُت بيهڪ برحق بناوٽ، هوڪو جنهن جو هر هنڌ هٽ هٽ،
نا تو تنهن سان نازڪ نينهن، نظر پوڻ سان نيڻ ٺري پيا.....!!

Gul Hayat Institute

ڌرتي، اُپ، انسان پياسا، منهنجي سڄڻ جي واس مان واسيا،
رات منجهان ڪيئڙو ڏينهن، نظر پوڻ سان نيڻ ٺري پيا.....!!

مُرڪي سُرڪي پاڻ پيا رہائون، جڏڙو جڏيءَ جو جيءُ جيا رہائون،

”منشي“ محبت ونڙا مينهن، نظر پوڻ سان نيڻ ٺري پيا.....!!

*

## وائي

### سامي سنگت ٽوڙي، رات روانا ٿي ويا.

جوڳين ڪارڻ جيءَ ۾، جاڻون رکيم جوڙي،

رات روانا ٿي ويا.

حق حق هوڪا حق ۾ هڪ ٿيا، ٻيائي ٻوڙي،

رات روانا ٿي ويا.

پيچ پنيءَ جو پريون ٻڌائون، رتا گل روڙي،

رات روانا ٿي ويا.

ڪوڪچ ۾ مون ۾ ڏنئون تڏهن ويا، ”منشي“ منهن موڙي،

رات روانا ٿي ويا.

*

Gul Hayat Institute

# وائي

## عشق لڳو اٿموٽ، الا، موٽڻ مصلحت مس ٿئي ڪا.

ڏاهر ڏس ڏاڇ جو، ڏيئي چاڙهي ويو چوٽ، الا،
موٽڻ مصلحت مس ٿئي ڪا....!!
محب متان ڏي ميهڻو، اجان تون نہ اروٽ، الا،
موٽڻ مصلحت مس ٿئي ڪا....!!
ڪُفر ۽ اسلام جا، ڪُل ڪري پيا ڪوٽ، الا،
موٽڻ مصلحت مس ٿئي ڪا....!!
”منشي“ مانجهي ميدان مان، مرڪي ڪن نہ موٽ، الا،
موٽڻ مصلحت مس ٿئي ڪا....!!

*

Gul Hayat Institute

# وائي

## ڏاڍا ڏينهن ٿيا، وجهنديءِ واجهه وصال لئه.

جيئرا ناهيون جيئري هوندي، جيا ناهيون جيا،

وجهندي واجهه وصال لئه.....!!

ڏينهن ڏکن ۾، روج ۾ راتيون، پل پل ياد پيا،

وجهندي واجهه وصال لئه.....!!

نيا نيرڻ نينهن نئو ڏي، ايڏو چو انياءُ،

وجهندي واجهه وصال لئه.....!!

”منشي“ اونداهي اچڻا، اکيون ڪيم ڏيا،

وجهندي واجهه وصال لئه.....!!

*

Gul Hayat Institute

## وائي

# لٺي ڪين لٺي، سِڪ تنهنجي سانورا.

ڏينهن ڏنگي ڏائڻ جيان،

گذري رات نٺي، سِڪ تنهنجي سانورا.

سُور تنهنجا سپرين،

سانديمِ ٿاهي سٺي، سِڪ تنهنجي سانورا.

قرب منهنجي جي ڪاٺي،

قيمت تو نہ ڪٺي، سِڪ تنهنجي سانورا.

”منشي“ کي تون محب اچي ڏٺي، سِڪ تنهنجي سانورا.

*

Gul Hayat Institute

# وائي

## چاهه چاندوڪيون راتڙيون،
## تو بنا ٿيون کهڙيون ڪاتڙيون.

چَپ تنهنجا چُريا، ٻول تنهنجا ٻُريا، ساز جڻ ڪي سُريا،
لار ماڪيان مٺيون لاتڙيون.

پاڻ توتان وارجي، اڃان ٻه تو نکارجي، وري وري ٻه وارجي،
تن من تنهنجون تاتڙيون.

تون سُمهين نه ساهه ۾، مُشڪ ٿئي هوا ۾، اندلٺ اُهاء ۾،
جوڀن پائي جهاتڙيون.

مٺان تو ماڪ ميندڙن، جڻ ٿي ورڪا موتين، نندڙا ٻلب جيئن ٻرن،
اکيون ڏسڻ لئه آتڙيون.

Gul Hayat Institute

تون نه پاڳن پري، چال تنهنجي چري، اوپري اوپري،

گهٽ گهٽ تو لئه گها تڙپون.

ڪر تون پردو پري، منهن ۾ مشعل ٻري، سچ سجدا ڪري،

”منشي“ ٿين ملاقا تڙپون.

*

Gul Hayat Institute